# بیدل، بیکس و سکایل

اختر درگاهي

Scanned by CamScanner

# بیدل، بیکس ءِ سِکایل

(لیکچر ءِ مقالا)

اختر درگاهي

بیدل یادگار کامیٹي
2005ع

TARIQ HAY
Copy

Scanned by CamScanner

ڪتاب جو نالو: بيدل، بيڪس ۽ سڪايل
پهريون چاپو: ۲۰۰۵ع
مرتب: اختر درگاهي
ڪمپوزنگ: طارق حسن هيسباڻي
ڪمپيوٽر لي آئوٽ: نديم احمد سولنگي
چيپندڙ: سنڌيڪا اڪيڈمي، ڪراچي فون: 2737290
چپائيندڙ: بيدل يادگار ڪاميٽي

مُلهه: =/30 رپيا

ملڻ جا هنڌ

ڪائناواڙ بوڪ اسٽور، اردو بازار ڪراچي
عزيز ڪتاب گهر، افغان سينٽر سکر
شاهه لطيف ڪتاب گهر، حيدر چوڪ گاڏي کاتو حيدرآباد
رابيل ڪتاب گهر- اسٽيشن روڊ لاڙڪاڻو

Scanned by CamScanner

# فهرست


| | |
|---|---|
| ❋ پنهنجي پاڻان ـ اياز گل | ۷ |
| ❋ وحدت الوجود ۽ بيدل فقير | ۹ |
| ❋ ديوان بيدل جو اپياس | ۲۹ |
| ❋ بيڪس جي شخصيت ۽ شاعري | ۳۹ |
| ❋ ديوانِ بيڪس جو اپياس | ۴۷ |
| ❋ فقير بيڪس جو اڻڇپيل ڪلام | ۵۳ |
| ❋ سيد نواب شاهه سڪايل | ۶۲ |
| ❋ نواب شاهه سڪايل جي خاندان جو شجرو | ۷۴ |
| ❋ سيد نواب شاهه سڪايل جو ڪلام | ۷۵ |


Scanned by CamScanner



# انتساب

پنهنجي مُحسن

۽ نهايت ئي مانائتي شخصيت

**محترم غلام صديق قادري**

(رٽائرڊ ڊي آءِ جي)

ڏانهن منسوب

**- اختر درگاهي**

Scanned by CamScanner

# پنهنجي پاران

سنڌ جي نامياري شاعر ۽ محقق محترم دوست اختر درگاهيءَ جي ڪتاب "بيدل، بيڪس ۽ سڪايل" کي شايع ڪرائيندي اسان کي تمام گهڻي خوشي حاصل ٿي آهي.

اختر درگاهيءَ جو هي ستون ڪتاب آهي، جنهن ۾ هُن پنهنجي مقالن ۽ ليڪچر ۾ سنڌ جي عظيم صوفي شاعر ۽ مفڪر فقير قادر بخش بيدل ۽ اُن جي ئي سلسلي جي ٻن اهم شاعرن فقير محمد محسن بيڪس ۽ نواب شاهه سڪايل جي شخصيت ۽ ڪلام تي نئين انداز سان لکيو آهي ۽ انهن شخصيتن تي تحقيق ڪندڙن جي لاءِ نيون راهون کوليون آهن.

هن ڪتاب ۾ حضرت بيدل سائينءَ جي اردو ڪلام تي ڪيل تحقيق تي محترم اختر درگاهي کي ادبي ايوارڊ ۽ انعام پڻ حاصل ڪيا آهن، جڏهن ته "بيدل يادگار ڪاميٽي" جي سيڪريٽريءَ جي حيثيت ۾ به سندس خدمتون ۽ ڪاوشون ساراهه جوڳيون آهن.

اختر درگاهيءَ جي هن ڪتاب جي خاص ڳالهه اها آهي ته هن ۾ فقير بيڪس ۽ فقير سڪايل جو اهڙو ڪلام شامل آهي جيڪو هن کان اڳ اڻڇپيل هيو.

٦ جولاءِ ٢٠٠٥ع

**اياز گلُ**
پٽا رود، سکر
سنڌ

Scanned by CamScanner

# وحدت الوجود ۽ بيدل فقير

الا الله اثبات ڪر اهو آ اسلام،
طالب ڇڏ تفرقو اچي وڃ آرام،
معنيٰ واري مار نفيءَ سان نروار ڪر.
(بيدل)

جناب صدر ۽ سنڌ جا سُڄاڻ ساٿيو!
السلام عليڪم، حق موجود!

سڀ کان پهريان مان جاڳرتا فورم سڪر جي ساٿين جو ٿورائتو آهيان، جو انهن مون کي اهو موقعو فراهم ڪيو ته مان سنڌ جي هڪ انوکي صوفي سرواڻ، باڪمال شاعر ۽ مفڪر حضرت فقير قادر بخش بيدل جي حوالي سان، پنهنجي محدود ۽ مختصر مطالعي جي روشنيءَ ۾ ڪجهه ويچار پيش ڪري سگهان. جاڳرتا فورم ' سڪر ۾ ادبي، ثقافتي ڏارا ۽ سياسي سجاڳيءَ جي حوالي سان ڪافي جاکوڙ ڪئي آهي. هي دوست اهڙي فڪري تحريڪ پيا هلائن جنهن مان اسان کي ڪافي علم ملي رهيو آهي. مان هتي اهو به عرض ڪندو هلان ته فقير قادر بخش بيدل ۽ وحدت الوجود تي هي منهنجو پهريون ليڪچر آهي، پر مان ته اهو به ٿو سمجهان ته خود حضرت بيدل جي حوالي سان پڻ هي پهريون توسيعي ليڪچر آهي، ڇاڪاڻ ته جنهن اعليٰ پائي جي شخصيت جو مالڪ اسان جو بيدل سائين ٿي گذريو آهي سندن حياتيءَ ۽ ڪلام تي ان سطح جي تحقيق ٿي نه سگهي آهي. ان لحاظ کان اڄ هتي ليڪچر ڏيندي مان پنهجي لاءِ هڪ اعزاز سمجهي رهيو

آهيان، چاڪاڻ ته مان نديڀڻ ڪان ئي سنڌ جي انهيءَ رندَ، صوفي ۽ 'سنڌ جي رومي' حضرت بيدل جي شخصيت ۽ ڪلام ڪان گهڻو متاثر رهيو آهيان.

حضرت قادر بخش بيدل هڪ ئي وقت اعليٰ پائي جو صوفي مفڪر، باڪمال شاعر، مؤرخ ۽ برڪ عالم هو. هو پنهنجي حياتيءَ ۾ سنڌ جي منصور سچل سرمست ڪان پوءِ وڏو وحدت الوجودي ۽ اردو صوفي اڳواڻ ۽ وجودي پرچارڪ پڻ هيو. جڏهن حضرت سچل سائين ڇولو مَٽايو تڏهن حضرت بيدل جي عمر ١۴ سال هئي ۽ هن به حضرت شاهه لطيف ڀٽائيءَ جي انهيءَ فڪري ڪُني مان فيض حاصل ڪيو، جنهن جو ڊڪٽ سچل سائين لاڻو هيو، نتيجي طور حضرت بيدل پنهنجي دور ۾ وحدت الوجود جي تحريڪ جي اڳواڻي ڪئي ۽ پنهنجي فڪر ۽ ڪلام وسيلي ان دور جي دقيانوسي ريتن، رسمن ۽ ڪٽر سوچن کي رد ڪري ڇڏيو ۽ پڻ انتها پسندن سان آمهون سامهون بحث مباحثا ۽ مناظرا ڪري انهن جا تڏا ويڙهايا. جيئن ته منهنجي ليڪچر جو عنوان 'وحدت الوجود ۽ حضرت بيدل فقير' آهي، ان ڪري ضروري آهي ته، مان پهريان 'وحدت الوجود' تي ڳالهايان.

'وحدت الوجود' جو فڪر هڪ اهڙو انوکو فڪر رهيو آهي، جنهن هڪ مڪمل فڪري تحريڪ جو روپ ورتي مشرق وسطي ۽ برصغير ۾ تمام گهڻو اثر ڪيو ۽ جنهن اتان جي ادب، ثقافت، سماج، سياسي جوڙجڪ ۽ سماجي اُتل پٽل کي پڻ نئون جنم ڏنو. جيئن ته اسين سنڌ ۾ رهون ٿا ۽ سنڌي ڪلچر ۾ گهاريون ٿا ته اسان ڏسنداسون ته خود سنڌي سماج، خاص طور تي سنڌي شاعريءَ تي شروع کان ورتي 'وحدت الوجود' جي فڪر جو تمام گهرو اثر ملي ٿو. حيرت ان ڳالهه جي ٿئي ٿي ته اسان جا سنڌي شاعر ذاتي طور تي ڪٽي ڪهڙي به فڪري ڌارا سان لاڳاپيل هجن يا سياسي طور تي ڪٽي ڪنهن به نظرئي سان "Committed" هجن پر جڏهن اهي شاعري ٿا ڪن ته سڌا سنوان صوفي ٿا ٿي وڃن. شايد ان ڪري ته سنڌ جو

Scanned by CamScanner

ماڻهو فطري طور تي صوفي آهي، جيئن هڪ هنڌ نامياري اديب رشيد پٽي لکيو آهي ته، سنڌي چاهي ڪهڙي به مذهب، مسلڪ، نظرئي يا سياسي گروهه سان واسطو رکندڙ هجي، هن کي کوٽبو ته اندران صوفي نڪرندو. سنڌي شاعريءَ جي تاريخ تي نظر وجهنداسون ته قاضي قادن کان وٺي شيخ ايار تائين جيڪا به سنڌي اساسي شاعري آهي، ان سڄي شاعري جو جيڪو مرڪز آهي، اهو اُهائي 'صوفيت' آهي ۽ اهو 'وحدت الوجود' جو فڪر آهي، جيڪو سبب بڻيو آهي. ان شاعريءَ کي زنده رکڻجو ۽ ان شاعريءَ کي ڪلاسيڪل بنائڻ جو. ڪلاسيڪل ادب يا شاعري اهو وڪر آهي، جيڪو پٽائيءَ چواڻي ڪڏهن به پراڻو نه ٿيندو آهي. يعني اهو وڪر يا فڪر جيڪو ڪڏهن به پراڻو نه ٿئي يا اهو ادب يا شاعري جيڪا ڪڏهن به پراڻي نه ٿئي، اها ڪلاسيڪل شاعري آهي، ته مون عرض پئي ڪيو ته قاضي قادن کان وٺي هن صديءَ جي وڏي شاعر شيخ ايار تائين جن به شاعرن جيڪو وڪر وهايو ۽ ورهايو آهي اهو ڪڏهن پُراڻو ٿيڻو ئي ناهي. چاڪاڻ ته ان جو بنياد انهن Fundamental تي آهي ۽ انهن جو فڪر انسان دوستي ۽ عظيم آفاقي آدرشن تي آهي، جيڪي انسانذات جي عالمي يائيچاري کي مضبوط بنائڻ ٿا ۽ سماج کي مايوسيءَ، نفرت ۽ اوچ نيچ جي ڌٻڻ مان ڪڍي روشن خيالي بخشن ٿا. قاضي قادن جو ڪردار سنڌ جي تاريخ ۾ ڏاڍو Controversial بيان ڪيو ويو آهي. هو بکر جو هڪ سياسي ماڻهو ته هيو پر ساڳئي وقت پنهنجي دور جو هڪ وڏو عالم ۽ سنڌي ٻوليءَ جو پهريون شاعر هيو. هو تاريخ ۾ متنازع انڪري بڻيو جو هن حاڪمن سان واسطا رکيا ۽ سنڌ جي عوام خلاف سياست ڪئي، پر جڏهن اسان هن جي شاعري ٿا پڙهون ته ان ۾ هو صوفي نظر اچي ٿو جيئن چوي ٿو:

"جوڳيءَ جاڳايوس سُتو هوس ننڊ ۾،
تهان پوءِ ٿيوس جيئري پسڻ پرينءَ جو."

فني حوالي سان ڏسبو ته قاضي قادن جو اهو بيت انتهائي شاندار

Scanned by CamScanner

بيت آهي ۽ فڪري لحاظ کان اهو شعر تصوف کان ٻاهر ناهي. 'جوڳيءَ جو جاڳائڻ' ۽ 'پرينءَ جو جيئري پسڻ' سڏا سنوان صوفياڻي شاعريءَ جا اصطلاح آهن. قاضي قادن جو مون انڪري مثال ڏنو ته هڪ ته هو سنڌيءَ جو پهريون شاعر آهي ۽ ٻيو ته هن جو ڪردار به سياسي رهيو آهي. هاڻي اچو ويهين صديءَ جي وڏي سنڌي شاعر شيخ اياز تي، ته هن جي به پهرين شعري مجموعي جو پهريون بيت آهي:

اچي اوت شراب اتم اُجَ ازل جي،
سندم روح رباب طلبي پيو ڪنهن تند ڪي.

'ازل جي اُجَ' جو بيان ۽ 'سندم روح' جو ذڪر به هڪ بنيادي صوفي ئي ڪري سگهي ٿو، ته قاضي قادن کان پوءِ شاهه ڪريم بلڙيءَ وارو، شاهه عنايت رضوي، لطف الله قادري، شاهه عنايت جهوڪ وارو، شاهه عبداللطيف ڀٽائي، مير جان الله شاهه رضوي، شاهه قلندر رضوي، سچل سائين، سامي، روحل فقير ويندي اسان جي بيدل سائينءَ تائين اهو جيڪو سلسلو آهي سنڌي شاعريءَ جو ان جو فڪري تسلسل هڪ ئي آهي. حضرت قادر بخش بيدل سن ۱۸۱۴ع ۾ تولد ٿيو ۽ سندن وصال ۱۸۷۲ع ۾ ٿيو. بيدل سائينءَ پنهنجي عمر جا پهريان ۲۹ سال سنڌ ۾ ٽالپورن جي حڪومت ڏٺي ۽ عمر جا آخري ۳۰ سال سنڌ کي انگريزن جي غلاميءَ ۾ ڏٺو. هاڻي اهو دور آهي، جنهن ۾ رهي ڪري حضرت بيدل پنهنجي ڪلام وسيلي پنهنجي فڪر کي ڦهلائي ٿو سندس ڪلام ۽ فڪر جو مرڪز به اهو ئي ازلي عشق هيو ۽ اهوئي 'وحدت الوجود' جو پرچار هيو، جيڪو ڪائنس اڳ سنڌ جي سداحيات شاعرن شاهه لطيف ۽ سچل سائينءَ جي ڪلام ۾ ملي ٿو. سچل سائين ته ڪائنس ٿورو اڳ ٿي گذريو هيو ۽ جڏهن سچل سائين وصال ڪيو تڏهن حضرت بيدل سائين سندس وصال تي شعر پڙ چيو، جنهن مان اهو گمان ٿئي ٿو ته بيدل سائين، سچل سائين کي ڏٺو هوندو، ڇاڪاڻ ته جڏهن سچل سائين

وصال ڪيو تڏهن بيدل سائين جي عمر ۱۴ سال هئي ۽ ان عمر ۾ پورا ست سال يادگيريءَ جا اچي وڃن ٿا. ٻيو ته حضرت بيدل هڪ فقيري گهراڻي سان واسطو رکندڙ هيو ۽ سندس والد بزرگوار جو ويجهن درگاهُن تي اچڻ وڃڻ ٿيندو هيو، ان ڪري ضرور بيدل سائين به پنهنجي والد بزرگوار سان گڏ درازا شريف وڃي سندڙ جي منصور سچل سائينءَ جو ديدار ڪيو هوندو، تڏهن ئي ته چيائين:

قربدارن جي ڪنڪ ۾ مير منصبدار هو،
در تهين داتا جي بيدل پرت جو پينار هو.

هڪ وڏي عالم ۽ باڪامل عارف شاعر هجڻ سان گڏوگڏ جيڪا خاص ڳالهه آهي، بيدل جي شخصيت جي، اها آهي هن جي 'وحدت الوجود' جي فڪر سان وابستگي، حضرت بيدل فقير، سچل سائينءَ کان پوءِ سندڙ ۾ وحدت الوجود تحريڪ جو وڏي کان وڏو اڳواڻ، پرچارڪ ۽ شاعر هيو. علمي حوالي سان به ڏسبو ته حضرت بيدل پورا ٽيهه ڪتاب لکيا تصوف جي موضوع تي، جن مان پورا ويهه ڪتاب هن جي شاعريءَ جا آهن، جن مان سواءِ ٽن ڪتابن جي سمورا ڪتاب فارسي ۽ عربي ٻوليءَ ۾ آهن، جيڪي اڄان ڪٿي ظاهر ٿي نه سگهيا آهن.

جيڪڏهن بيدل فقير جو اهو اٽڇپيل مواد شايع ٿي منظرعام تي اچي ته هوند هڪ وڏو علمي خزانو ظاهر ٿي پوي. حضرت بيدل جو مطالعو به تمام وڏو هيو، شايد سندڙ جو هي اڪيلو صوفي شاعر ۽ مفڪر آهي، جنهن باقاعده ايترو علم حاصل ڪيو ۽ فارغ التحصيل عالم بڻيو. ساڳي وقت هن پوري سندي ڪلاسيڪل شاعري پڙهي، پوري هندي شاعري پڙهي، پوري فارسي شاعري، خاص طور تي مولانا جلال الدين رومي، حافظ شيرازي، اُمير خسرو، حضرت سعدي هن پڙهيو.

هتي اهو به بحث ٽيو ٿورو اڳ ۾ ته فقير بيدل جو مرشد ڪير هو؟ ان سلسلي ۾ جڏهن اسان بيدل جو ڪلام پڙهنداسون ته هو

Scanned by CamScanner

چئن شخصيتن کي پنهنجو مرشد سڏي ويو آهي. چوڏهن سالن جي عمر ۾ فقير بيدل، سچل سائين کي پنهنجو مرشد چاڻايو آهي جو چيو اٿائين ته، در تنهين داتا جي بيدل پرت جو پينار هو، تنهن کان سواءِ حضرت مير جان الله شاه رضوي ثاني، ان جي وصال تي چيل شعر ۾ به ڪيس پنهنجو مرشد سڏيو اٿائين، جيئن چوي ٿو:

جناب شاه جان الله صوفي
مڪمل مرشد پير طريقت.

تنهن کان سواءِ حضرت شاه لطيف سان به هڪ شعر ۾ جڏهن عقيدت جو اظهار ڪيو اٿائين ته، ان کي به پنهنجو مرشد سڏيو اٿائين:

مرشد وقت سيد السادات،
مظهر جلوه هادي غيب شهود،
شاه عبداللطيف کزلطفش،
طالبان مي رسند بامقصود.

پي پاسي حضرت لال شهباز قلندر کي به پنهنجو مرشد چيو اٿائين، جيئن چوي ٿو ته:

ميرا مرشد مڪمل هي قلندر
حُسيني حيدري سُلطان سرور.

هاڻي بجاءِ ان جي جو اسين اهو ويهي بحث ڪريون يا اهو ويهي پاڻ ۾ فيصلو ڪيون ته فقير بيدل جو مرشد ڪير هيو، بس اهو سمجهڻ گهرجي ته حضت بيدل انهن سيني شخصيتن جو تمام گهڻو عقيدت مند هيو ۽ انهن کان گهڻو متاثر هيو. جيئن ته حضرت بيدل پنهنجي وقت جو هڪ پڙهيل ڳڙهيل، عارف ۽ ڏاهو انسان هيو، ان ڪري جن به صوفين جي فڪر ۾ يا جن به شخصيتن جي ڪلام ۽ عمل ۾ هن کي انسانن سان محبت ۽ ڀلائيءَ جو تاثر مليو يا جن شخصيتن هن کي وڌيڪ ڪشش ڪيو، بيدل فقير انهن کي پنهنجو

Scanned by CamScanner

مرشد سڏيو.

مان ته ائين چوندس ته بيدل فقير انهن سمورن عارفن ۽ بزرگن جو فڪري مُريد هيو ۽ اهي سمورا سالڪ ۽ عارف بيدل فقير جا فڪري استاد ۽ مرشد هئا. رهيو سوال هن جي دست بيعت مريد ٿيڻ جو ته ان لاءِ ڪتابن ۾ آيل آهي ته، بيدل فقير پنهنجي والد بزرگوار جي ڏينهن ۾ ئي حضرت مير جان الله شاه رضوي ثاني جو طالب ٿيو هيو، جڏهن ته مماتيءَ ۾ هن کي حضرت لال شهباز قلندر جو فيض مليل هيو، جنهن جي ثابتي بيدل سائينءَ جي تصنيفن مان به ملي ٿي، هي ته هيو حضرت بيدل متعلق سرسري جائزو، هاڻي اچون ٿا 'وحدت الوجود' تي.

'وحدت الوجود' جو فڪر صوفي سرواٽن جو هڪ اهڙو انوکو فڪر آهي، جنهن جو اثر برصغير ته ڇا دنيا جي ڪيترن ئي حصن ۾ ملي ٿو.

'وحدت الوجود' تصوف جو ئي بنياد آهي ۽ تصوف هر مذهب جو نچوڙ ۽ ان جو اصل روح آهيُ. وحدت الوجود جي فڪر تي نه صرف اسلامي تصوف جي تعليمات جو اثر آهي، بلڪ ان کان ڪيترا هزار سال اڳ هندو ويدانت، يوناني باطنيت جو پڻ گهرو اثر شامل آهي، اڄتي هلي برصغير جي پڄتي تحريڪ ۽ نرگن واد جي ڏارائن جو اثر قبول ڪري سنڌ اندر هن فڪر هڪ انوکو رنگ ۽ روپ اختيار ڪيو، شايد ان ڪري ته هيءُ فڪر هن ڌرتيءَ مان ئي ڦٽي نڪتل آهي.

سنڌ جي تاريخ تي نظر ڦيرائڻ سان خبر پوي ٿي ته، هتي ۲۱۰۰ ق- ۾ تائين دراوڙ تهذيب پنهنجي عروج تي هُئي، انهن ڏينهن ۾ سنڌ کي 'سپت سنڌو' يعني ستن درياڻن جو ديس سڏيو ويندو هيو، جنهن ۾ پنج درياهه موجوده پنجاب جا ۽ به درياءَ سنڌ جا يعني 'سنڌو' ۽ "هاڪڙو" شامل هئا. چوڻ ۾ اچي ٿو ته، سنڌ جي اها دراوڙ تهذيب چين ۽ مصر جي تهذيب کان به قديم آهي. مذهبي حوالي سان ڏسبو ته دراوڙن وٽ انوقت هڪ خدا جو تصور ڪونه هيو ۽ نه ئي هنن وٽ

Scanned by CamScanner

ڪو مندر يا عبادتگاه ئي ٿهيل هيو. هو مختلف ديوتائن ۽ ديوين جا عقيدتمند ۽ قائل هئا، جن جي هو پوڄا ڪندا هئا. مثال طور، هنن وٽ اندر گرج (چمڪ جو ديوتا) سرسوتي (دريائن جي ديوي) پرٿوي (ڌرتيءَ جي ديوي) اوشا (صبح جي ديوي) هوندي هئي. انهن وٽ سج جو ديوتا (سوريه) وڏي ڪان وڏو ديوتا هيو، جنهن جي آڏو گهوڙن جي قرباني ڏني ويندي هئي ۽ تبرڪاً انهنجو گوشت ڪاڏو ۽ ويندو هو.

اڳتي هلي انهيءَ دراوڙ تهذيب دوران ئي سنڌو نديءَ جي ڪنارن تي 'ويد' تخليق ڪيا ويا. اهو ١٨٠٠ ق- م جو دور آهي، اهڙي ريت رگويد، يجروويد، اٿرويد ۽ سام ويد جي تخليق ٿي، جن ۾ انهن ديوتائن ۽ ديوين لاءِ مناجتون، پڄن ۽ شبد شامل ڪيا ويا. ائين سمجهي سگهجي ٿو ته، ويد ان دور جي لوڪ ادب جو هڪ نمونو آهن ته ويدن ۾ به جيڪو بنيادي فڪر سمايل آهي اُهو آهي ته، "مرڻ کان پوءِ روح واپس هليو وڃي ٿو." يعني ٻي جنم جو تصور هتي نه ٿو ملي. ويدن ۾ هڪ وجود المطلق جو تصور به ملي ٿو ته، برهما ۽ آتما يعني ساه جو ذڪر به ملي ٿو. ويدن ۾ ئي ٻڌايل آهي ته، "ڪائنات خدا مان نڪتي آهي ۽ اوڏانهن هلي ويندي." ۽ اهو به ٻڌايو ويو آهي ته، مادو غير حقيقي آهي ۽ 'ڪثرت' نظرن جو دوکو آهي، يعني انهيءَ ڪثرت پٺيان هڪ حقيقي وحدت قائم آهي، جيئن شاه عبداللطيف فرمايو آهي ته:

وحدت تان ڪثرت ٿي آهي، ڪثرت وحدت ڪُل،
حق حقيقي هيڪڙو، ٻولي ٻي مَ يُلُ،
هو هُلاڇو هُل بالله سنڌو سڃٽين.

ويدن ۾ اهو به لکيل آهي ته، "شر يا برائي ڪائنات ۾ شامل آهي، جيڪا ڏکن جو ڪارڻ آهي، زندگيءَ جو مقصد روح کي پاڪ ڪرڻ ۽ پاڻ کي برهمڻ يعني خدا ۾ فنا ڪرڻ آهي." اهائي ڳالهه حضرت بيدل سائينءَ هن طرح فرمائي آهي:

Scanned by CamScanner

هستيءَ کي هم اوست ۾ ڪيو گم جنين،
ڏئو ٿرت تنين اکين شعاع شهود جو.

اڳتي هلي ڪرشن مهاراج به گيتا ۾ اهو فرمايو ته، "بندو، پيگوان سان پيڪتي (عشق) ڪندو تڏهن مُڪتي حاصل ڪندو." ان کان پوءِ 'اپنشد' تخليق ٿيا، (جن کي گيتا جو تفسير چئي سگهجي ٿو) انهن ۾ به آهي ته، 'برهم' هڪ آفاقي توانائي اهي جيڪا ڪائنات ۾ شامل آهي ۽ آتما (روح) ان آفاقي توانائيءَ جو نفسياتي پهلو آهي. اُپنشدن ۾ اهو به آهي ته برهم يعني خدا ۽ آتما معنيٰ روح هڪ ٻئي کان الڳ ناهِن.

اڳتي هلي 'شنڪر' (جيڪو ۸ صدي عيسويءَ جو هڪ وڏو فلسفي، پيڪت ۽ شاعر هيو) انهيءَ وري گيتا، ويدن ۽ اپنشدن کي ملائي، ان جو نچوڙ ڪڍي هڪ نظام فڪر ٻڌايو، جنهن کي "ويدانت' چيو وڃي ٿو ويدانت جي عمارت انهن نقطن تي قائم ڪئي وئي ته آتما ۽ برهما ائين هڪ آهن جيئن ڪوزو ۽ مٽي ۽ اهو پڻ ته ظاهري ڪثرت ڪوڙ ۽ نظرن جو دوکو آهي. راماڻج جيڪو پڻ ويدانت جو وڏو شارح هيو ان وري شنڪر سان اختلاف ڪيو ۽ اهو چيو ته، ايشور (خدا) ڪائنات ۾ رچيل به آ ته جدا به آ. ڇاڪاڻ ته انهيءَ فرق کان سواءِ بندو، ايشور سان عشق ڪري نه ٿو سگهي. راماڻج اهو به چيو ته، ايشور ۾ فنا ٿيڻ جي ڪوشش نه ڪيو پر ان جون صفتون پاڻ ۾ پيدا ڪيو. گوتم بُڌ وري ويدن کي رد ڪري ڇڏيو ۽ اهو چيو ته، اصل عبادت، درست خيال، درست ارادو، درست ڳالهه ٻوله ۽ درست عمل آهي. گوتم بڌ اهو به چيو ته، اخلاق کي بلند ڪيو وڃي ۽ شعور ۽ علم کي وڌايو وڃي.

هاڻي اچئون ٿا يوناني ڏارا ڏانهن. يونان ۾ اسان کي به فڪري ڏارائون ملن ٿيون: هڪ عقليت پسندي، جيڪا طالس ۽ ابيقيورس کان ڪارل مارڪس تائين پهچي ٿي ۽ ٻي 'باطنيت' جيڪا فيثا غورث کان ويندي افلاطون ۽ فلاطينوس تائين پهچي ٿي. اڳتي هلي

Scanned by CamScanner

ٻن مفڪرن ڪانٽ ۽ ارسطو انهن ٻنهي ڏارائن کي ملائڻ جي ڪوشش ڪئي. فيثا غورث يونان ۾ ۵۰۰ ق- م جو هڪ نامياروِ رياضيدارن، جوتشي ۽ فلاسافر ٿي گذريو آهي. هو راڳ جو به وڏو ڄاڻو هو. پاڻ موسيقيءَ جي سُرن کي رياضيءَ جي ذريعي ترتيب ڏنو هئائين ۽ اهو به چيائين تہ، ڪائنات ۽ موسيقيءَ جي سُرن جو پاڻ ۾ تعلق آهي.

فيثاغورث هڪ مدرسو پڻ قائم ڪيو، جنهن ۾ هو مردن ۽ عورتن کي گڏ تعليم ڏيندو هو. اهڙي تعليم کي هو 'ظاهري علم' چوندو هيو، جڏهن تہ شاگردن کي هو پردي جي پويان پڙهائيندو هيو ۽ اهڙي تعليم کي هو 'باطني علم' چوندو هيو. فيثاغورث به اهو چيو تہ، موت کان پوءِ روح جيئرو رهي ٿو ۽ اهو به چيائين تہ، روح نيڪ يا بُرا ڪم ڪري ٻيو جنم ٿو وٺي. فيثاغورث اها ڪوشش ڪرڻ جي تلقين ڪئي تہ، روح کي جسم جي قيد کان آزاد ڪيو. فيثاغورث کان پوءِ هڪ ٻي يوناني مفڪر 'زينو' به چيو تہ، ڪائنات ۽ خدا هڪ آهي. ارسطوءَ به اهو چيو تہ، ڪابہ شيءِ عدم مان پيدا ٿي نہ ٿي سگهي ۽ ڪائنات ازل کان ابد تائين رهندي. افلاطون به چيو تہ، مرڻ کان پوءِ روح اصل مقام تي هليو وڃي ٿو ۽ اهو به چائين تہ، هر ماڻهوءَ جا ٻہ روح آهن، هڪ فاني يعني ديوتا جو ۽ ٻيو لافاني يعني خدا جو. يونان ۾ عشق حقيقي جو تصور به افلاطون ڏنو جو چيائين تہ، ماڻهو حسين شيءِ ڏسي ٿو تہ، ان جو روح حُسن المطلق کي ياد ٿو ڪري.

هاڻي اچئون ٿا 'اسلامي تصوف' تي!

اسلامي تصوف جي مبغلن لکيو آهي تہ، 'تصوف' جو لفظ عربي لفظ 'صوف' مان نڪتو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: "اُنَ جي ڪاڏي." شروع واري دور جا صوفي اُن جي ڪاڏيءَ جا ڪپڑا پهريندا هئا تہ جيئن اهي انهن جي جسم سان چُهندا رهن ۽ ڪين غفلت جي نند مان جاڳائن البيروني چيو تہ، تصوف جو لفظ يوناني لفظ 'سوف' مان نڪتو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "ڏاهپ." يعني صوفي معنيٰ

ڏاهو يا دانشور. حضور سائين ﷺ جن جي ڏينهن ۾ ئي ڪجھ اصحابي قرآن جي ڪن آيتن ۽ حديثن جھڙوڪ، "آءٌ اوھان جي شھ رگ کان به ويجھو آھيان." "الله ظاهر به آ باطن به آ" ۽ "انسان منهنجو ڳجھ آ" کان متاثر ٿي ڪري خدا جو ڳجھ ڪائنات مان ڳولڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا. اهڙن اصحابن ۾ حضرت علي رضہ، حضرت سلمان فارسي رضہ، حضرت عمار رضہ، حضرت ياسر رضہ ۽ حضرت ابوذر غفاري رضہ ۽ حضرت اويس قرني رضہ وڏي مرتبي وارا ٿي گذريا آھن.

اڳتي هلي آنين صدي عيسويءَ ۾ بيبي رابعا بصري اسلامي تصوف ۾ عشق حقيقيءَ جو تصور ڏنو. جنهن کان جڏهن اهو پڇيو ويو تہ، ڇا تون شيطان کان نفرت ڪرين ٿي؟ تہ هن فرمايو تہ، منهنجي دل الله جي عشق ۾ ايتري ٽمٽار ٿي وئي آهي جو ان ۾ ڪنهن کان نفرت رکڻ لاءِ ڪا جاءِ بچي ئي ناهي. اهڙي حقيقي عشق جو تصور حضرت بيدل جي هنن شعرن مان به ملي ٿو:

عشق عطا ڪيائون توکي بيدل ڪر شڪرانا،
رخ رانجھو دا ڪعبيٰ قبلا عشق ٻڌا احرام.

بيبي رابعا بصريءَ کانپوءِ اسلامي تصوف جي تاريخ ۾ هڪ مست الست ۽ برڪ صوفي عارف نروار ٿيو، جيڪو هيو "حضرت بايزيد بسطامي". بايزيد بسطاميءَ جي شخصيت هڪ انوکي ۽ نرالي هئي، جنهن اهڙيون ڳالهيون ڪيون جنهن سان ماڻهو حيران ٿي ويا. بايزيد بسطامي اصل ايران جو هو. ۸۰۳ع ۾ ڄائو ۽ ۸۷۵ع ۾ وفات ڪري ويو. بايزيد ويدانت جو وڏو ڄاڻو ۽ پنهنجي دور جو هڪ وڏو عالم پڻ هيو. خاص ڳاھ هتي اها ڪرڻي آهي تہ، اسلامي تصوف ۾ 'وحدت الوجود' جي انهيءَ فڪر جو بنيادي پرچارڪ 'بايزيد بسطامي'، سنڌ جي هڪ عالم 'ابو علي سنڌي' جو شاگرد هيو، جو خود هڪ هنڌ چيو ٿائين تہ، مون سنڌ ۾ ابو علي سنڌي کي اسلامي فرض سمجهايا ۽ هن مونکي 'توحيد' جا سبق ڏنا. انهيءَ بايزيد

بسطاميءَ چيو تہ، "سبحاني ما اعظم شاني"، ۽ اهو بہ چيائين تہ، "منهنجي جُبي ۾ الله آهي، مان ئي ساقي آن، مان ئي پيالو آن ۽ مان ئي شراب آن." حضرت بيدل انهيءَ بايزيد بسطاميءَ کان ڪافي متاثر هيو ۽ خود بيدل جي ڪلام ۾ بہ بايزيد بسطاميءَ جا اهي نعرا گونجي رهيا آهن:

- سر سبحاني آهيان، صورت ڪليل ڪلايان،
- ڪاٿي پهريم رسالت جامو عبدي رمز رلايان،
- سبحاني ما اعظم شاني ڪاٿي طبل وڄايان.

بايزيد بسطاميءَ اهو پڻ چيو هيو تہ، ڪعبي جي طواف ڪرڻ بجاءِ پنهنجي چوڌاري طواف ڪريو، اهائي ڳالهہ فقير بيدل بہ ڪئي آهي:

- ڪعبو قدسي توهين ساڻ،
- ڪوهہ ڪڏين ڪعبي جي ڪاڻ.

بايزيد بسطاميءَ کان پوءِ اسلام تصوف ۾ جيڪا شخصيت نروار ٿي، اُهو هيو "جنُيد بغدادي"، جنهن تصوف ۾ "فنا في الله" جو تصور ڏنو ۽ اهو چيو تہ، "صوفي ظاهر ۾ بندو آ پر باطن ۾ خدا آهي." جنيد بغداديءَ جي ئي ان ڳالهہ کي بيدل هن ريت بيان ڪيو آهي:

ظاهر بندو باطن مولا،
عشق جي بازي سمجهي ڪيرُ،
پنهنجو سُر صحيح ڪر بيدل،
سوجهي سمجهہ سريءَ جو سيرُ.

جنيد بغداديءَ اهو پڻ چيو هيو تہ، ٽيهہ سال خدا، جنيد جي زبان مان ڳالهايو پر ڪنهن کي بہ خبر نہ پئي!

هاڻي اچئون ٿا، ان شخصيت ڏانهن جنهن تصوف ۾ وڏو انقلاب برپا ڪري ڇڏيو، اها شخصيت هئي حُسين بن منصور حلاج جي. منصور جي شخصيت اسلامي تصوف جي تاريخ، وحدت الوجود

Scanned by CamScanner

جي فڪر ۽ ان سان لاڳاپيل برصغير جي ڪلاسيڪل شاعريءَ تي چانيل آهي. ايتري قدر جو منصور حلاج صوفياڻ تحريڪ ۽ شاعريءَ ۾ هڪ تمثيلي ۽ علامتي شڪل اختيار ڪري ويو آهي، جنهن جي ذڪر ڪرڻ کان سواءِ 'وحدت الوجود' جي فڪر جي تاريخ اڻپوري رهجي وڃي ٿي. حسين بن منصور حلاج اصل ايران جو هيو، بصري ۾ ڪافي عرصو رهيو، آخر ۾ هن کي بغداد ۾ سن ۹۲۲ع ۾ دردناڪ طريقي سان قتل ڪيو ويو. اهو منصور ئي هيو جنهن "حق حق اناالحق" جو نعرو هنيو ۽ بغداد جي گهٽين ۾ ديوانہ وار اهو چوندو وتندو هيو تہ، "اي خدا منهنجي خون کي دين وارن جي لاءِ حلال ڪر!"

اهڙين ڳالهين ڪري منصور حلاج تي ڪفر جي فتويٰ لڳي ۽ خليفي المقتدر جي دور ۾ هن کي گرفتار ڪري، اڄ ۽ ڪل جي حالت ۾ قيد ڪيو ويو، جنهن بعد ڪيس سنگ سار ڪيو ويو. هن جا هٿ ۽ پير وڍيا ويا، بعد ۾ ڪيس سُوليءَ تي لٽڪائي سندس لاش کي ساڙيو ويو ۽ سندس خاڪ کي هوا ۾ اُڏاريو ويو. مؤرخن تہ اهو بہ لکيو آهي تہ، منصور جو قتل پنهنجي دور جو سياسي قتل هيو، جاڪاڻ تہ تن ڏينهن بغداد جي حڪومت خلاف "قرطمين" بغاوت ڪئي هئي ۽ منصور حلاج انهن باغين جي حمايت پئي ڪئي، جو تہ عباسي حڪومت مذهبي ڪٽرپڻي تي بدّل هئي ۽ منصور انتهاپسند حڪمرانن خلاف عوام ۾ ايڪي ۽ اتحاد جو پيغام ڏئي رهيو هيو، منصور جي شخصيت سڄي سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ تي چانيل آهي. شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ بہ منصور حلاج جو ذڪر هن ريت آيو آهي:

جرتڑ تڪ تنوار، وڍ ٽڻ وائي هيڪڙي،
سيوئي شيءِ ٿيا، سُوريءَ سزاوار،
هم 'منصور' هزار ڪهڙا چاڙهيو چاڙهئين

شاهہ لطيف کان پوءِ سچل سرمست بہ پنهنجي ڪلام ۾

ڪيترين ئي جاين تي منصور حلاج کي ياد ڪيو آهي، جيئن چيو اٿائين:

منصور هويا سرمد هو صنم يا شمس الحق تبريزي هو،
اس تيري گلي مين اي دلبر هر ايک کا سِر قربان هويا.

پر مون جڏهن بيدل فقير جو ڪلام پڙهيو تہ، مونکي حيرت ٿي تہ بيدل پنهنجي ڪلام ۾ پورو هڪ سئو دفعو منصور جو ذڪر ڪيو آهي ۽ ڪيس خراج تحسين پيش ڪيو آهي، جيئن فرمايو اٿائين:

حالت جا حلاج جي سمورو آهه سُور،
مردن ۾ منصور کو ڪو ليي ڪاٿئين.
حالت جا حلاج جي مُحمدي معراج،
سالڪن سرتاج مستيءَ ڪون منصور ٿيو.

جيڪي پيئندا مئہ منصوري محب ٿيندا مستانا،
ڪين ڇاڻن يار عام عشق جي مام منجهان مُلواٿا.

اسلامي تاريخ ۽ تصوف جي اهم مبلغن حسين بن منصور حلاج کي ساراهيو آهي ۽ ان جي وحدت الوجودي فڪر جي تائيد ڪئي آهي. انهن ۾ ابن عطا، ابوبڪر شبلي، فريدالدين عطار عبدالرحمان جامي، ابن ڪثير، امام غزالي، مولانا جلالالدين رومي، شيخ علي هجويري داتا گنج بخش، ويندي علامہ اقبال تائين اهڙا اڪابر ۽ باڪمال شخص منصور کان متاثر آهن. سنڌي ڪلاسيڪل خصوصاً صوفياڻہ شاعري تہ منصور جي ذڪر سان ٽمٽار آهي.

بي بي رابعہ بصري کان ويندي منصور تائين اسان ڏسنداسون تہ، وحدت الوجود جو فڪر تمام تيزيءَ سان اُپريو، جنهن جو اصل بنياد رابعہ بصريءَ جو عشق حقيقيءَ جو تصور، بايزيد بسطامي، جُنيد بغدادي ۽ حسين بن منصور جا وجودي نعرا رهيا، پر 'وحدت الوجود' جي تحريڪ پنهنجو باقاعده فڪري روپ تڏهن ورتو جڏهن ان کي محي الدين ابن العربي پنهنجي عالماڻہ دليلن ۽ منطقي نتيجن جي

Scanned by CamScanner

ذريعي هڪ نوس فڪري شڪل ڏني. ابن عربي ڇهين صدي هجريءَ ۾ هڪ باڪمال عالم ۽ مؤرخ ٿي گذريو آهي. اهو ابن رُشد جو شاگرد هو ۽ 'وحدت الوجود' جي فڪر جو اهم ۽ وڏو شارح پڻ. هن پنهنجي ڪتاب "فصوص الحڪم" ۾ 'وحدت الوجود' جي فڪر کي نوس عقلي دليلن سان واضح ڪيو آهي.

هن لکيو آهي ته، قرآن ۾ آهي ته الله فرمايو، "ڪُن" يعني ٿيءُ! 'فيڪون' يعني پؤ، ٿي پيو. معنيٰ هيءَ ڪائنات نهي وئي. هن اهو بحث ڪيو آهي ته، الله ڪنهن سان مخاطب ٿيو ته ٿيءُ! ۽ پوءِ ٿي پيو. هن اهو لکيو آهي ته، جيڪڏهن الله پاڻ ڪان سواءِ ڪنهن بي شيءِ سان مخاطب ٿيو آهي ته پوءِ اها ڪاهه مڃڻي پوندي ته "ڪن فيڪون" ڪان اڳ الله ڪان سواءِ ڪا بي هستي به هئي، جنهن سان الله ڳالهايو آهي، جڏهن ته اهو شرڪ آهي. ته ابن عربي اهو چيو آهي ته، الله جڏهن هيءَ ڪائنات ناهڻ چاهي ته هن پنهنجن صفتن کي حڪم ڪيو ته 'ٿي!' ۽ پوءِ الله جي ئي صفتن مان هيءَ ڪائنات نهي وئي، ان مان ثابت ٿيو ته هيءَ ڪائنات الله جي صفات مان نهيل آهي ۽ ڪا به صفت پنهنجي ذات ڪان الڳ نه هوندي آهي.

ابن عربي اهو به ڏڌايو آهي ته، دوزخ جو عذاب جسماني نه هوندو پر ذهني هوندو. هن اهو به لکيو آهي ته، جنت جي معنيٰ لڪائڻ آهي. يعني ڪثرت کي وحدت ۾ لڪائي ڇڏڻ اصل جنت آهي. ابن عربي اهو به لکيو آهي ته، حشر ۾ سمورا روح خدا ۾ سمائجي ويندا ۽ اهو، ڇيو اٽائين ته، جنت ۽ دوزخ جو ڪوبه خارجي وجود ناهي، پاڻ کي خدا ۾ سمائڻ جنت آهي ۽ پاڻ کي خدا کان پري ڪرڻ دوزخ آهي. ابن عربي اهو به ڇيو ته: "لاموجود الا الله" يعني خدا کان سواءِ ڪجهه به ناهي. بيدل انهيءَ "لاموجود الا الله" کي پنهنجي ڪلام ۾ به استعمال ڪيو آهي.

مڙيوئي محبوب جو ناهين تغاوت تر،
لاموجود الا الله خاصن هيءَ خبر،
آهي ساروئي سر صورت هن سنسار جي.

Scanned by CamScanner

ابن عربيءَ کان پوءِ وحدت الوجود جا ٻيا ٻ شارح پيدا ٿيا جن ۾ ابو قاسم القشيري، شيخ علي هجويري، ابو حامد الغزالي، اهم نالا آهن. امام غزالي پنهنجي ملفوظات ۾ راگ يا سماع کي پڻ جائز قرار ڏنو آهي. وحدت الوجود جي ان فڪر فارسي شاعريءَ تي پڻ گهرو اثر ڇڏيو ۽ فارسي جا برڪ شاعر جلال الدين رومي، فريدالدين عطار، عبدالرحمان جامي، شيخ سعدي، حافظ شيرازي ۽ امير خسرو ان فڪري سلسلي جا وڏا فارسي شاعر آهن. بيدل انهن سمورن فارسي شاعرن کي پڑهيو هيو. هن مولانا روميءَ جي مثنويءَ کان متاثر ٿي مثنوي نهرالبحر لکي. ديوان حافظ کان متاثر ٿي ڪري فارسي جو پورو ديوان لکيو. فريد الدين عطار 'من خدايم' جو نعرو هنيو اهوئي نعرو بيدل جي ڪلام ۾ ٻ ملي ٿو:

من خدايم موج ۽ عطار فرمايو ادا،
سِر وِدائڻ ۾ ڏني بيدل سڃي ساري مُدعا.

جيئن فارسي شعر ۾ حافظ چيو ته:

حافظا گر وصل خواهي صلح ڪُن باخاص و عام،
با مسلمان الله الله بابرهمن رام رام.

تيئن بيدل ٻ چيو آهي ته:

ڪاشي مٽرا آپ پُڄاوت آپ ڪري سرٽيڪ،
هر مظهر وچ بيدل آکي يار سلام عليڪ.

اسلامي تصوف، ويدانت ۽ يوناني باطنيت مان اُسري آيل 'وحدت الوجود' جي فڪر هندستان جي ڪلاسيڪل شاعريءَ تي پڻ تمام گهٽو اثر ڪيو، جو پندرهين صديءَ عيسويءَ ۾ شاعريءَ جي هڪ اهڙي تحريڪ جنم ورتو، جنهن کي پڳتي تحريڪ چيو وڃي ٿو. انهيءَ پڳتي تحريڪ کي خاص بنياد ڪرشنُ جي پُراثر شخصيت فراهم ڪيو. تاريخ ۾ ڪرشن جا اسان کي ٻ روپ ملن ٿا: هڪ گيتا جو ودوان ۽ ٻيو بندرابن جو گوپال جيڪو گوپين سان ۽ راڌا

Scanned by CamScanner

سان پيار ڪري ٿو ۽ بينسري وڄائي دلين تي حڪمراني ڪري ٿو. اهو ڪرشن اڳتي هلي هندستان شاعريءَ ۾ محبوب حقيقيءَ جو روپ وٺي ويو، جنهن جي فراق ۾ راڌا جو روح تڙپندو رهي ٿو. انهيءَ ڌارا جي تمثيلي اظهار هندستان ۾ عظيم شاعر پيدا ڪيا، جن جي ڪلا پوري برصغير جي شاعريءَ ۽ ادب تي پنهنجا اثر ڇڏيا. انهيءَ تحريڪ جا بنيادي شاعر ته جي ديو، سورداس، تُسلي داس، راماناند هئا، پر اهي شاعر جيڪي ان شاعراڻي ڌاراجا سرواڻ ليکيا وڃن ٿا، اُهي آهن: ڪبير پڳت، گرونانڪ ۽ ميران ٻائي. ڪبيرپڳت منصور ڪان گهڻو متاثر هيو. هن ڪيترائي خوبصورت ۽ جاندار دوها چيا آهن، جيئن آهي ته:

جب تم آئے جگت میں، جگ هنسے تم روئے،
ایسی کرنی کر چلو، تم هنسو جگ روئے-

بابا گرونانڪ جي شخصيت جيڪا فڪري ۽ مذهبي حوالي سان پڙ وڏي مرتبي تي پهتي، پر شاعري جي ان ڌارا ۾ بابا گرونانڪ جو نالو ٻ مٿانهون اچي ٿو. بابا گرونانڪ فارسي جو وڏو ڄاڻو هيو ۽ اڪثر صوفي عالمن سان ڪچهريون ڪندو هيو. بابا گرونانڪ هميشہ اهو چوندو هو ته، "نہ ڪوئي هندو، نہ مسلمان!" ان دور جي دقيانوسي مذهبي مبلغ کيس پڪڑي قاضيءَ وٽ وٺي آيا. گرونانڪ قاضيءَ جي اڳيان اسلام جي اهڙي تشريح ڪئي جو هو حيران ٿي ويو. بابا گرونانڪ جو ڪلام ٻ ٻولين تحريڪ جي شاعريءَ جو اهم باب آهي. هن جو هڪ شعر آهي ته:

الله الکھ اگم قادر کرن هار کریم،
سبھ دُني آون جاون مقام اک رحیم.

شايد ان شعر کان متاثر ٿي ڪري شاھ لطيف چيو ته:

اول الله علیم اعليٰ عالم جو ڏٺي،
قادر پنهنجي قدرت سين قائم آھ قديم،
والي واحد وحده رازق رب رحيم.

Scanned by CamScanner

بابا گرونانڪ جو هڪ ٻيو شعر آهي تہ:

جي رت لگي ڪپڑي جامہ هوءِ پليت،
جو رت پيوي مانساتن ڪيون نرمل چيت.

گرونانڪ کان پوءِ پڳتي شاعريءَ ۾ جنهن جي ڪلام وڏيڪ مقبوليت حاصل ڪئي، اها هُئي ميران ٻائي. ميران ٻائي ١٥٠٤ع ۾ رتن سنگھ جي گھر جنم ورتو. هن ڪرشن سان حقيقي عشق ڪيو ۽ جڏهن شادي ٿيس تہ ڪرشن جي مورتي ساهري گھر ڪٽي وئي. ميران جو مڙس جڏهن مري ويو تہ سندس ڏيرن هن تي سختي ڪئي، نتيجي طور ميران ڪرشن جي محبت ۾ دوراکا ۽ بندرابن هلي وئي. هڪ ڏينهن ڪرشن جي مورتيءَ اڳيان ميران نچندي ڳچن ڳائي رهي هئي تہ ڪرشن جي مورتي شڪ ٿي وئي ۽ ميران ان ۾ سمائجي وئي.

ميران ٻائيءَ جي ڪلام ۾ درد، فراق ۽ وصال جي تڙپ جا آلاپ ٻُرن ٿا:

جو مين ايسا جانتي پريت ڪئي دُکھ هوءِ،
نگر ڍنڍورا پيٽتي پريت نہ ڪريو ڪوءِ،
ڪانگا سب تن کھائيو چُن چُن کھائيو ماس،
دو نينان مت کائيو جنهي پيا ملن کي آس.

پڳتي تحريڪ جي شعري روايت جا عڪس بيدل جي ڪلام ۾ ٻہ ملن ٿا، بيدل نہ پنهنجي ڪلام ۾ پڳتي صنفن جهڙوڪ شبد، هوري وغيره لکيا آهن پر انهن جي ٻولي ٻہ اهائي ساڳي استعمال ڪئي اٿائين:

آج پيا هوري کيلن آيا سهسين رنگ بيرنگ سمايا،
بندره بن مين کهيلي هوري، شام سُندر دل لٽيندا ذوري،
چشم اُهين دي سانون چيٽڪ لايا.

هندي ڪلاسيڪل شاعريءَ جي پڳتي تحريڪ کان سواءِ برصغير خاص طور تي سنڌي شاعري تي، وحدت الوجود جي فڪر تي

گورک ناٿ جي ناٿ پنٿي جوڳين جو پڙ اثر ملي ٿو. ناٿ پنٿي جوڳين جا ٻہ گروھ ملن ٿا: ھڪڙا ڪن ۾ ڪُنڊل ۽ مالا پائيندڙ، جيڪي ذات جي نفي ۽ مُلان ۽ حاڪمن جي مذمت ڪن ٿا، ٻيا وري دنيوي ڪمن ڪارين کان پري قلندريہ ۽ ملامتيہ فڪر جا پوئلڳ ۽ ملنگ آھن. انھن جي گرو گور ڪنات جو ذڪر اسان کي شاھ جي رسالي ۾ ٻہ ملي ٿو:

لُنگ ڪڍيائون لانگ موٿي ڪن ۾ مسحو،
جا اسلامان اڳي ھئي سا سڏيائون ٻانگ،
سامي ڇڏي سانگ گڏيا گورڪناٿ کي.

بيدل جي ڪلام ۾ ٻہ گورڪناٿ جي اھڙن جوڳين جو ذڪر ملي ٿو:

نانگــا ھليا ناٿ ڏي نانگھ نينھن ٿيونِ،
سُور ڪنيائون پاڻ سين سمر ھيءُ سندونِ.

ٿ انھيءَ ڀڳتي تحريڪ ۾ ناٿ پنٿي تحريڪ جو مقصد ٻہ ھندو مسلمانن ۾ مفاھمت ڪرائڻ، مساوات قائم ڪرڻ ھيو ۽ اھوئي فڪر وحدت الوجود جو فڪر آھي، جيڪو اسان کي ھزارن سالن کان تصوف جو نچوڙ نظر اچي ٿو. بيدل جي ڪلام جو بنياد ٻہ اھو وحدت الوجود جو فڪر آھي ۽ اھوئي فڪر آھي جيڪو سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ تي ڇانيل آھي، ڇاڪاڻ ٿ اھو انوکو فڪر ڏرتي جي سمورن ماڻھن کي ذات پات مذھب ۽ اوچ نيچ کان مٿاھون ٿي ڪري ھڪ وحدت ۽ ايڪي ۾ آڻي ٿو ۽ ميٺ، محبت، اُمن ۽ سڪون جو پيغام ڏي ٿو.

حضرت بيدل جيئن ٿ پنھنجي وقت جو ھڪ سُڃاڻ شاعر ۽ برڪ عالم ھيو، ان ڪري ھن ڪائنات جي سمورن رازن ۽ اسرارن کي سمجھي، انسانذات جي عظمت، وحدت ۽ عالمي ڀائيچاري جو پيغام ڏنو. ھو ھڪ سچو صوفي ھيو، تنھن ڪري ھن ڄاتو ٿي ٿ، ھر مذھب پنھنجي وقت ۽ دور ۾ ھڪ سڌارڪ تحريڪ جو روپ ۾

ايريو ۽ اُسريو آهي. ڪجھ مبلغن خالق ۽ مخلوق ۾ ويڇو وجھي ڇڏيو، ھنن جي ويجھو خالق صرف عرش تي ۽ مخلوق فرش تي آھي. جڏھن تہ وحدت الوجودي صوفين وٽ انسان جو رُتبو تمام مخلوقات کان اعليٰ آھي ۽ قرآن جو موضوع ئي "انسان" آھي، انسان ھن ڌرتيءَ تي الله تعاليٰ جو خليفو آھي. ھو الله تعاليٰ جو پرتو ۽ ظھورو آھي. انسان جي اھا عظمت ۽ ان جو خدا سان تعلق قرآن پاڪ جي ھنن آيتن مان ظاھر ٿئي ٿو:

فنفخت فيہ من الروحي فقعولہ ساجدين
لقد ڪرمان بني آدم
نحن اقرب اليہ من حبل الوريد

انسان جي اھا عظمت ۽ ان جو خدا سان تعلق بيدل سائين جي ھنن شعرن مان بخوبي ظاھر آھي:

آھيان مان اسرار عجائب ٿي آيس انسان،
پانھپ پولي ناھ ڪا، سارو سِرُ سبحان.
خلق آدم عليٰ صورته غير خدا جو ناھين،
بيدل بندو نانھ تون ڇو ٿو ڪوڙ ڪمائين!؟

بيدل سائين ھڪ وحدت الوجودي مفڪر جي حيثيت ۾ اھو پڌائي ٿو تہ، ھن سڄي ڪائنات جو اصل محور ۽ قادر المطلق ھڪ ئي خدا جي ذات آھي، جيڪا ھن ڪائنات ۾ رچيل ۽ وسيل آھي.

مڙيوئي محبوب آ سدائين سپ پار،
جامان سؤ جنسار پھريندڙ ھڪ پرين.

- مھرباني

حق موجود!

Scanned by CamScanner

# ديوان بيدل جو اپياس

- سنڌ جي زومي، حضرت فقير قادر بخش بيدل (۱۲۳۱ھ- ۱۲۸۹ھ) پنهنجي ۵۹ سالا حياتيءَ ۾ نظم ۽ نثر جا ننديا، وڏا ڪُل ٽيهه ڪتاب تصنيف ڪيا. پاڻ پنهنجي وقت جا جيد عالم ۽ عارف هئا. ان ڪري انهن ڪتابن ۾ گهڻائي سندن فارسي ۽ عربي تصانيف جي آهي. جن ۾ سندن عارفانه ڪلام کان سواءِ تصوف جي موضوعن تي سندن عالمانه تحريرون شامل آهن. پر هن وقت تائين بيدل سائينءَ جي انهن ٽيهن ڪتابن منجهان صرف ڇهه ڪتاب مڪمل طور تي منظرِعام تي اچي چڪا آهن. جيڪي هن ريت آهن:

(۱) سرود نامون (سنڌي ۽ سرائيڪي ڪافين جو مجموعو) (۲) وحدت نامون (سنڌي بيتن جو مجموعو) (۳) بيدل جو اردو ڪلام (۴) مثنوي دلڪشا- فارسي (سنبڌي ترجمو) (۵) پنج گنج (فارسي) (٦) فوائدالمعنوي (عربي). فقير قادر بخش بيدل جي باقي چوويهن ڪتابن جو مختصر طور تعارف ته مختلف ڪتابن ۾ بيان ڪيو ويو آهي. پر اهي مڪمل طور تي ايجا اڻڇپيل آهن ۽ هن وقت قلمي صورت ۾ مختلف هنڌن تي ٽڙيل پکڙيل آهن. جيڪڏهن حضرت بيدل جي باقي رهيل عربي ۽ فارسي ڪتابن کي شايع ڪيو وڃي ته تصوف ۽ سنڌ جي تاريخ جا ڪيترائي اهم راز ۽ نقطا ظاهر ٿي سگهن ٿا.

- ۱۹۴۰ع کان اڳ تائين حضرت بيدل جي ڪلام ۽ سوانح عُمريءَ جو ڪو به ڇپيل ڪتاب منظرعام تي ڪونه اچي سگهيو هو، البت ان کان اڳ سنڌ جي ڪافي مانائتن اديبن ۽ محققن حضرت

Scanned by CamScanner

بيدل جي شخصيت ۽ ڪلام کي پنهنجن تحقيقي مضمونن جي ذريعي متعارف پئي ڪرايو، اهڙا مضمون سنڌ جي اهم رسالن ۾ شايع ٿيندا رهيا. انهن ۾ حسام الدين راشدي، پيرومل آڏواڻي، ڪلياڻ آڏواڻي، علام عمر بن محمد دائودپوٽو، لطف الله بدوي، مولانا دين محمد وفائي جا مقالا ۽ مضمون اهم نوعيت جا آهن.

- حضرت بيدل جي ڪلام ۽ شخصيت تي بنيادي ۽ باقاعده ڪم گدومل ڪٽڻ مل هرجاڻيءَ ڪيو. جنهن حضرت بيدل جي سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام جي مجموعي "سرودنامي" کي سندس سوانح عُمريءَ سان گڏ ۴۱-۱۹۴۰ع ۾ (ٻن جلدن ۾) سهيڙي شايع ڪرايو، گدومل هرجاڻي روهڙي شهر جو رهاڪو هو، جنهن اهي ڪتاب سکر جي تلڪ پريس ۽ پرماتما پريس مان ڇپرايا.

- ان کان پوءِ ماهوار رسالي "سنڌو" جي ايڊيٽر نامياري اديب بولچند راجپال ۱۹۵۰ع ۾ "بيدل جو سنڌي ڪلام" سهيڙي ڇپرايو، انهيءَ ڪتاب جو پبلشر اسان جو سائين مرحوم برڪت علي آزاد هيو، جنهن اهو ڪتاب پنهنجي اداري "آزاد بوڪ ڊيپو جيڪب آباد" مان شايع ڪرايو. انهن ٻن اهم ڪتابن کان پوءِ روهڙي شهر جي هڪ ٻي نامياري اديب ۽ محقق سيد عبدالحسين شاهه موسوي حضرت بيدل جي سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام جي مجموعي "سرودنامي" کي نئين سر سهيڙيو ۽ ان جي ردیف وار ترتيب ڏئي ان جو نالو "ديوان بيدل" رکيو، جنهن کي پهريون ڀيرو ۱۹۵۴ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو. عبدالحسين موسوي صاحب "ديوان بيدل" کي سهيڙڻ ۾ تمام گهڻي محنت ڪئي. هن صاحب حضرت بيدل جي ڪلام جي اڳ ڇپيل توڙي اڻڇپيل نسخن ۽ ڪتابن جو ايياس ڪيو ۽ سنڌ جي مختلف ڳوٺن ۾ وڃي نه صرف مختلف فقيرن کان حضرت بيدل جو ڪلام ٻڌو ۽ نقل ڪيو پر ان سلسلي ۾ پنهنجي دور جي اهم عالمن، ادبن ۽ صوفي درويشن سان رهاڻيون پڻ ڪيون، جن ۾ فقير فولاد علي شر، مولوي محمد صادق راڻيپوري، صوفي نصير فقير جلالاڻي، صوفي عبدالستار شاهه جهوڪ وارو ۽ ٻيا شامل آهن.

Scanned by CamScanner

"ديوان بيدل" ۾ عبدالحسين شاهه موسوي، حضرت بيدل جي ڪلام ۽ شخصيت تي عالمانه انداز ۾ لکيو آهي ۽ سندس سوانح عمريءَ جا ڪيترائي پهلو نروار ڪيا اٿائين، پر افسوس جو موسوي صاحب "ديوان بيدل" جي باب "فنا في المعشوق" ۾ حضرت بيدل جي مجازي عشق ۽ سندن مجازي محبوبن واري احوال کي اهڙي طرح پيش ڪيو آهي، جيڪو نامناسب لڳي رهيو آهي. ڇاڪاڻ ته حضرت بيدل جا اهي صحبتي فقير (خاص طور تي فقير غلام محمد ۽ فقير قاضي پير محمد) جن کي حضرت بيدل جي مجازي محبوبن جو درجو حاصل آهي، پنهنجي پنهنجي جاءِ تي پاڻ ۾ وڏي ڪمال جي شخصيت جا مالڪ هئا، اهي فقير وڏا عالم ۽ صوفي هئا ۽ بيدل سائينءَ جي روحاني فيض جا طالب هئا. (ان سلسلي ۾ وڌيڪ پڙهو راقم الحروف جو ڪتاب "بيدل جو اردو ڪلام" (مطبوعا ۱۹۹۷ع جو باب "بيدل جا صحبتي فقير" صفحو ۴۰-۵۲).

- عبدالحسين شاهه موسويءَ "ديوان بيدل" جي آخر ۾ حضرت بيدل جي فارسي، عربي ۽ اردو ڪلام جو نمونو به ڏنو آهي. انهيءَ "ديوان بيدل" جي گهٽي پذيرائي ٿي ۽ ان جو ٻيو ڇاپو ۱۹۶۱ع ۾ شايع ڪيو ويو ۽ تازو ۱۹۹۱ع ۾ "ديوان بيدل" جو ٽيون ڇاپو به سنڌي ادبي بورڊ پاران پڌرو ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ سنڌ جي نامياري اديب ڊاڪٽر نواز علي شوق صاحب جو حضرت بيدل جي شاعريءَ تي اهم ۽ عالماڻو مقالو پڻ شامل آهي ۽ شوق صاحب انهيءَ ڇاپي ۾ حضرت بيدل جا چيل سنڌ جي اهم بزرگن ۽ ٻين شخصيتن جي وفات تي تاريخي شعر ۽ شاهه عنايت شهيد جي شان ۾ چيل بيدل سائينءَ جو قصيدو (فارسي) شامل ڪري "ديوان بيدل" ۾ هڪ بهتر اضافو ڪيو آهي. البت ڊاڪٽر نواز علي شوق صاحب "ديوان بيدل" جي صفحي ۳۹۳ تي بيدل سائين جي خاندان جو جيڪو "شجرو" ڏنو آهي، اهو گهٽي قدر غلط آهي. مذڪوره شجرو راقم الحروف نئين سر ٺاهي ان ۾ اضافو ڪري هن ڪتاب ۾ شامل ڪيو آهي، جيڪو پڙهي سگهجي ٿو.

Scanned by CamScanner

## الحاقي ڪلام:

- سيد عبدالحسين شاهه موسوي جي تاليف "ديوان بيدل" ۾ ڪجهه ڪلام اهڙو شامل ٿي ويو آهي، جيڪو "الحاقي" آهي ۽ حضرت بيدل جو چيل نه آهي ان جي چنڊچاڻ ٿيڻ ضروري آهي. اهڙي الحاقي ڪلام ۾ به ڏوهيڙا، ٿي سنڌي ڪافيون شامل آهن. تنهن کان سواءِ "ديوان بيدل" ۾ شامل چار سرائڪي ڪافيون اهڙيون شامل آهن جيڪي آهن ته، بيدل جون پر اُهي بلڪل هڪجهڙيون آهن، يعني ٻن ڪافين کي اڏواڏ ڪري چئن ڪافين جي صورت ۾ شايع ڪيو ويو آهي.

انهن ڪافين کي ڳولڻ، پيٽڻ ۽ پروڙڻ لاءِ مون پاڻ حضرت بيدل جي ڪلام جا سمورا ڇپيل ڪتاب ۽ هيٺيان قلمي نسخا ۽ بياض اُٿلايا آهن:

۱- بيدل جي فرزند فقير بيڪس جو لکيل قلمي نسخو
۲- قاضي پير محمد جو لکيل قلمي نسخو
۳- فقير علي بخش ڪمتر جو لکيل قلمي بياض
۴- منشي سلامت راءِ جو لکيل قلمي بياض
۵- فقير گورڏنداس جو قلمي بياض
٦- قاضي غلام مهدي ۽ آخوند فيض محمد جو لکيل قلمي بياض

- هتي آءٌ "ديوان بيدل" ۾ شامل اهڙا به ڏوهيڙا ۽ ٽي سنڌي ڪافيون پيش ڪري رهيو آهيان، اهي ڏوهيڙا ۽ ڪافيون حضرت بيدل جون چيل نه آهن.

### ڏوهيڙا: (۱)

چڏيائون سپ سانگ، ڪندا ڪوهُ نماز کي،
جيڏانهن عالم آسرو، تيڏانهن ڪن نه تانگ،
نه ڪي پرن ڪلمون، نه ڪي پُڏن پانگ،
لاهوتي بي لانگ، عدم ڪان اڳي ويا.

Scanned by CamScanner

(٢)

ڳجهه نه ڳرين لاءِ، ڪٽ بورائو باز ڪي
آهي تنهن انڌيءَ جي، جيفي پاسي جاءِ،
وجو ڪاڇ اُتائين ڪاءِ، هُو جو قُوتُ ڪتن جو.

(ديوان بيدل: ابيات سنڌي) (صفحو١٠٣)

## ڪافيون

### ١- ڪافي

### پکيئڙا ولر کان وڇڙيا

پکيئڙا ولر کان وڇڙيا، وجي اوکيءَ منجهه اَڙيا
زهري زلف زورار جا، توکي دُهرا دام پيا،
چو ٿو پنهنجا پَرَ پٽين، توکي پختا پيچ پيا،
ڦٽڪي ڦڪي ساهه ڇڏين، چار ب نه ڇُٽڻ جا.
وارن جي وارڪن ۾ ڪيئن ڪامل قيد ٿيا
هت ڪاڪ ڪڪوريا ڪيترا هت ڪيئي ڊينگ ڊريا.
ماندين منديا ڪينڪي، جوڳين ڪين جهليا
وِهُ رڪن واسينگن وانگر، آهن زهر پريا.
چٽندي داڻا خال سندا، توکي ڪل نه پئي ڪا
هاڻي هَيءَ هَيءَ ٿو ڪرين، جڏهن وار اٿئي وڇڙيا.
بيدل ڏنگ جُهليا سين، ڏاڍا آهن اوکيرا
هيبتي حيوان الله ڙي، اجا ڪين مُڙيا.

(ديوان بيدل: صفحو١١١)

### ١٤- ڪافي

پاڻ تو پيدا ڪيو، ڪين مان ڄئيءِ انسان ڪر
گهرج هُئي توکي گهٽي ڪين مان ڄئيءِ احسان ڪر.
١- شڪم مادر ۾ رهيس ٽي ڏهه مهينا قيد ۾
تو اُتي پاليو مون ڪي ڪين مان ڄئيءِ مهمان ڪر.

Scanned by CamScanner

۲- خوش خوراڪون ڏئي مون کي، جلدي اچي تو جوان ڪيو
موجود موجان تو ڏنيون، ڪين مان چيئي گهمسان ڪر.
۳- جان ۾ جامون ڏئي، موجود موجان تو ڪيون
راند رس ۾ تو چڏي، ڪين مان چئي نقصان ڪر.
۴- بيدل برهه بي انت آ، عام ٿا ائين چون
هر جا رمز تنهنجي آهي، ڪين مان چئي اعلان ڪر.
(ديوان بيدل: صفحو ۱۱۷-۱۱۶)

## ۷۹- ڪافي روپ جوگ

دم دم دلبر ڪاڻ، سڪ سهٽيءَ کي سير گهرڻ جي.
۱- ميهر ڪاڻ سهٽي مستاني، سُرکي پيتائين صحيون سُجاڻي
چاڻي ٿو رب چاڻ، ميخ لڳي هيس مرڻ جيئڻ جي.
۲- لهس لڳڻ کي لهر مان آيس، دونهان دل ۾ درد دُکايس
برهه ڏيکاريس پاڻ، سڪ وڃايس سُرت سمهڻ جي.
۳- روز ميهر لئه سير تري ٿي، ڪچ گهڙو ڪيو گهير گهري ٿي
برهه پوڙايُس پاڻ، مُحب ڏني هس ڪا ميچ ملڻ جي.
۴- عشق ازلي جن کي آهي، ڪاڻ ڪُنِ جي تن کي ناهي
عبدالقادر چاڻ نانهن ڪهين جي سُرکَ سلڻ جي.
(ديوان بيدل: صفحو ۱۴۱)

- مٿي بيان ڪيل ۽ سنڌي ڏوهيڙا جيڪي حضرت بيدل جي ڪلام طور "ديوان بيدل" ۾ شامل ڪيا ويا آهن، اهي ٻئي ڏوهيڙا اصل ۾ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جا آهن، خبر ناهي ڇو اهي ڏوهيڙا موسوي صاحب "ديوان بيدل" ۾ شامل ڪري چڏيا، ڇاڪاڻ ته اهي ۽ ئي ڏوهيڙا حضرت بيدل جي مشهور تصنيف "پنج گنج" ۾ پڻ شامل آهن، جن کي خود بيدل سائين حضرت شاهه لطيف جي ڪلام طور شامل ڪيو آهي. "پنج گنج" حضرت بيدل سائينءَ جي فارسي تصنيف آهي. جنهن ۾ تصوف جي رمزن کي چاليهن درجن

Scanned by CamScanner

۾ ورهايو ويو آهي ۽ انهن تي پنجن دليلن سان روشني وڌي وئي آهي ۽ انهن پنجن دليلن جي وضاحت مذڪوره ڪتاب جي پيش لفظ ۾ خود بيدل سائين هن طرح ڪئي آهي:

"پهريون دليل قرآن شريف مان آيت مبارڪ آهي.
ٻيو دليل صداقت سان ڀرپور حديث شريف آهي.
ٽيون دليل فيض ڀريل مثنوي جا بيت آهن.
چوٿون دليل وجد ڀريل شاهه ڀٽائيءَ جو بيت آهي.
پنجون دليل راهه هدايت ڏانهن ترغيب ڏيندڙ حڪايت ۽ بيان آهي."

- اهي ٻئي ڏوهيڙا، بيدل سائين جي تصنيف "پنج گنج" ۾ شاهه لطيف ڀٽائي جي بيتن طور پڙهي سگهجن ٿا، جنهن لاءِ ڏسو ڪتاب "پنج گنج" (مطبوعا ۱۹۸٦ع) سنڌي ترجمو صوفي سبحان بخش قريشي. "پنج گنج" ۾ پهريون ڏوهيڙو درجي پنجٽيهين ۾ صفحي ۲۱۸-۲۱۹ تي ۽ ٻيو ڏوهيڙو درجي اوٽٽيهين ۾ صحفي ۱۹۲ تي ڏنل آهي.

- مٿي ڏنل ٽن ڪافين مان پهرين ڪافي، سنڌ جي مشهور شاعر ڪشنچند بيوس جي آهي ۽ سندس ڪتاب "ڪليات بيوس" ۾ صحفي ٦۱ تي ڇپيل آهي. ڪشنچند بيوس جو اهو ڪتاب ڊاڪٽر محمود شاهه بخاري سهيڙي سنه ۱۹۹۱ع ۾ ڇپرايو آهي. مذڪوره ڪافي حضرت بيدل جي ڪلام جي ڪنهن به مستند قلمي نسخي ۾ موجود ڪانهي ۽ نه ئي وري ڪافيءَ جي مٿان ڪو روپ يا راڳٽي ڏيڪاري وئي آهي. ڇو ته بيدل جو سمورو سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام مختلف راڳٽين تي ڇيل آهي. ان ڪري ئي ته پنهنجي سنڌي ۽ سرائڪي ڪافين جي مجموعي کي نالو ڏنائين "سرود نامو" دراصل اها ڪافي سڀ کان پهريان بولچند راجپال پنهنجي ڪتاب "بيدل جو سنڌي ڪلام" (مطبوعا ۱۹۵۰ع) ۾ صفحي ۸۷ تي ڏني آهي ۽ ان جي هيٺان خود پاڻ اهو نوٽ لکيو اٿائين ته، "هيءَ ڪافي عام جانم درسي ڪتابن ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿي، پر ڪنهن به

معتبر قلمي نسخي ۾ لکيل ڪانہ آهي." اهڙي طرح موسوي صاحب بنان چنڊچاڻ ۽ تحقيق ڪرڻ جي ان ڪافيءَ کي "ديوان بيدل" ۾ پهرين ڪافيءَ طور شامل ڪري ويو آهي.

- ٻي ڪافي، جنهن جو "ديوان بيدل" ۾ نمبر ١۴ آهي، سا ڪافي بہ بيدل جي ڪلام جي ڪنهن بہ قلمي نسخي يا بياض ۾ موجود ناهي ۽ نہ ئي اُن جي مثان ڪا راڳڻي يا روپ ڏيکاريل آهي، جيئن بيدل جي هر ڪافيءَ ۾ ملي ٿو. ان کان سواءِ توڙي جو فڪري لحاظ کان حضرت بيدل جو سمورو ڪلام هم اوست جي خيال تي چيل آهي، انهيءَ ڪافيءَ جو بيان ۽ شاعراڻو اظهار بيدل جي ڪلام کان ڪجهہ مختلف نظر ٿو اچي. اها ڪافي شايد موسوي صاحب کي فقيرن کان ٻڌي. "ديوان بيدل" ۾ شامل ڪئي آهي، جو تہ ڪافيءَ جي هيڻان ڪنهن بہ نسخي يا بياض جي مختلف پڑهڻي ڏنل ناهي، البت اسان کي انهيءَ ڪافيءَ جي اصل خالق جو پتو پئجي نہ سگهيو آهي ۽ اها ڪافي هڪ سوال بڻيل آهي؟

- ٽين ڪافي، جنهن جو "ديوان بيدل" ۾ نمبر ٧٩ آهي، سا بيدل جي چيل ناهي، جو تہ مذڪوره ڪافي بہ حضرت بيدل جي ڪلام جي ڪنهن بہ مستند قلمي نسخي يا بياض ۾ موجود ناهي. ان کان سواءِ فڪري لحاظ کان ڏسبو تہ انهيءَ ڪافيءَ ۾ سهڻيءَ جي تاريخي ڪردار کي پيش ڪيو ويو آهي ۽ سو بہ داستان جي صورت ۾، جڏهن تہ بيدل جو سمورو ڪلام هم اوست ۽ وحدت الوجود جي فڪر تي مشتمل آهي. حضرت بيدل سنڌ جي انهن لوڪ داستانن ۽ ڪردارن جهڙوڪ عمر مارئي، مومل راڻو، نوري جام تماچي وغيره جي حوالي سان تہ ڪلام چيو آهي، پر اهو بہ صرف ۽ صرف تمثيلي ۽ علامتي انداز ۾. يعني انهن ڪردارن ۾ بہ علامتي طور تي حضرت بيدل تصوف جو ئي موضوع برقرار رکيو آهي. ان کان سواءِ اسان ڏسنداسون تہ ان ڪافيءَ جي نالي واري مصرع ۾ "عبدالقادر" استعمال ٿيل آهي، جڏهن تہ بيدل پنهنجي ٻي ڪنهن بہ سنڌي يا سرائڪي ڪافيءَ ۾ "عبدالقادر" نالو استعمال نہ ڪيو آهي ۽

Scanned by CamScanner

"بيدل" تخلص استعمال ڪيو آهي. هونءَ به نالي طور بيدل سائين پاڻ کي فقيرقادر بخش سڏائيندو هو ته پوءِ صرف هڪڙي ڪافيءَ ۾ "عبدالقادر" ڇو استعمال ڪندو؟

دراصل اها ڪافي روهڙي تعلقي جي ڳوٺ ٽنڊي مير حسن خان جي هڪ باڪمال درويش صوفي "مير عبدالقادر" جي آهي، جنهن جي ڪلام جي مختلف نسخن ۾ اها ڪافي به نظر آئي آهي. سنڌ جي مانائتي اديب مرحوم ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي پنهنجي ڪتاب "جوتيون جواهرن جون" (مطبوعا ١٩٧٥ع) ۾ "مير عبدالقادر" جي تذڪري ۾ پڻ اها ڳالهه لکي آهي ۽ هن طرح راقمطراز آهي!

"سندس هڪ ڪافي موسوي صاحب مرحوم جي "ديوان بيدل" ۾ ٻُل وچان اچي وئي آهي. اها ڪافي انهيءَ ڪري به ظاهر آهي جو ان ۾ تخلص "عبدالقادر" آيل آهي ۽ هوڏانهن حضرت بيدل جي سنڌي شعر ۾ "بيدل" تخلص آهي. ان ڪافيءَ جو پويون بند هي آهي:

"عشق ازلي جن کي آهي، ڪاڻ ڪُنن جي تن کي ناهي،
عبدالقادر چاڻ، نانهن ڪنهن جي سُرڪ سلڻ جي."

(ڏسو "جوتيون جواهرن جون" مطبوعا ١٩٨٥ع) پاران: سنڌي ادبي اڪيڈمي، لاڙڪاڻو)

- هينئر حضرت بديل جي انهن ڪافين جو ذڪر ڪجي ٿو، جيڪي "ديوان بيدل" ۾ اڏواڏ ڪري مختلف جاين تي شايع ڪيون ويون آهن. "ديوان بيدل" جي صفحي ١٦٢ تي ڏنل ڪافي نمبر ١١٦ جا سمورا مصرعا ۽ ٽلهه صفحي نمبر ١٦٩ تي ڇپيل ڪافي نمبر ١٣٥ ۾ شامل آهن. ان ڪري اها هڪ ڪافيءَ طور پڙهڻ گهرجي، يعني ڪافي نمبر ١١٦ کي ختم ڪري ڪافي نمبر ١٢٩ برقرار رهڻ ڏيو. ان کان سواءِ "ديوان بيدل" جي صفحي نمبر ٢١٩ تي ڏنل ڪافي نمبر ٢٦٩ جا صرف مصرعا ڏنل آهن، پر ان جو ٽلهه غائب آهي، جڏهن ته اها مڪمل ڪافي صفحي ٢٤٠ تي ڏني وئي آهي، جنهن جو نمبر ٣١٨ آهي. تنهن ڪري انهن ٻنهي ڪافين کي هڪ ڪافي طور پڙهڻ گهرجي، يعني ڪافي نمبر ٢٦٩ کي ختم ڪري ڪافي نمبر

Scanned by CamScanner

۳۱۸ برقرار رهڻ کپي.

- "ديوان بيدل" جي اپياس ڪرڻ کان پوءِ منهنجي ذهن ۾ جيڪي ڳالهيون نظر آيون، سي مون عرض رکيون آهن، ٿي سگهي ٿو ته ان کان علاوه به ڪي گهڻ وڌايون هجن، هينئر سنڌ جي برڪ ادبن جو ڪم آهي ته، هو انهيءَ سلسلي ۾ ڪا بهتر چنڊچاڻ ڪن ۽ حضرت بيدل جي سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام جو ڪو مستند نسخو سنڌ واسين کي ڏين.

Scanned by CamScanner

# بيڪس جي شخصيت ۽ شاعري

* سنڌ جي ڪلاسيڪل شاعريءَ جو تاجيپيٽو 'تصوف' جو فڪر رهيو آهي ۽ سنڌ جا اهم ۽ باڪمال شاعر 'وحدت الوجودي' رهيا آهن. قاضي قادن ڪان وٺي ويهين صديءَ جي نامياري صوفي شاعر غمدل فقير تائين اسان کي سنڌي اساسي شاعري تصوف جي رمزن، اسرارن، اصطلاحن ۽ وجودي نعرن سان گونجندي نظر اچي ٿي. حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي، سنڌ جي مڙني باڪمال شاعرن جو سرتاج آهي، جنهن پنهنجي ڪلام ۾ 'تصوف' جو فڪر نهايت ئي گوڙهي انداز ۾ ۽ ڪٿي ڪٿي ڇٽيءَ طرح سان پيش ڪيو. شاه لطيف ڪان پوءِ حضرت سچل سرمست ڪان وٺي "وحدت الوجود" جي انهيءَ شاعراڻي تحريڪ هڪ انقلابي روپ اختيار ڪيو، هينئر ان شاعريءَ ۾ هڪ عجيب قسم جي مستي، بيباڪي، جوش، جذبو ۽ ولولو پيدا ٿيو ۽ حضرت سچل سرمست، صوفي تحريڪ ۾ سنڌ جو "عطار" بڻجي ويو. حضرت سچل سرمست جي ان تحريڪ کي سندس سلسلي جي شاعرن نانڪ يوسف، خوش خير محمد، غلام حيدر گودڙيو اڳتي وڌايو.

اٺويهين صديءَ جي انهن شاعرن ۾ اسان کي حضرت قادر بخش بيدل وڏو بيباڪ برڪ ۽ بيمثال نظر اچي ٿو، بيدل سائين، سچل سائين ڪان پوءِ "وحدت الوجود" جي صوفي تحريڪ جو اهم اڳواڻ، سرواڻ ۽ وارث آهي. حضرت بيدل سائين ڪان پوءِ ان سلسلي جي صوفي شاعرن ۽ رهبرن ۾ جيڪڏهن ڪو نانءُ ڪٻو تہ اهو آهي

Scanned by CamScanner

حضرت بيدل سائينءَ جو نوجوان ۽ حسين فرزند فقير محمد محسن بيڪس. بيڪس فقير، بيدل سائين جي گهر ۾ تاريخ ۲۶ جمادالثاني سنہ ۱۲۷۵ھ مطابق ۲۶ جنوري ۱۸۵۹ع ۾ تولد ٿيو. بيدل سائين مٿس پنهنجي والد بزرگوار جو نالو "محمد محسن" رکيو. افسوس! جو بيدل سائينءَ جي اها املهه نشاني، سنڌ جو شهزادو ۽ يگانو شاعر ۽ بيدل جي فڪر جو اڪيلو وارث صرف ۲۳ سالن جي ڦوهه جواني ۾ تاريخ ۵ رمضان المبارڪ ۱۲۹۸ھ مطابق ۱ آگسٽ ۱۸۸۱ع تي وصال ڪري ويو. بيڪس فقير جي شخصيت انهيءَ مختصر عمر ۾ ئي ايڏي ته ڪمال تي پهچي چُڪي هئي، جو هو ان عمر ۾ به اسان کي، سنڌي، سرائڪي، اردو، فارسي ۽ عربي ٻولين جو وڏو شاعر ۽ صوفي فڪر ۽ راڳ جو وڏو ڄاڻو نظر اچي ٿو.

بيڪس سائين، حضرت بيدل جيان ڄمندي ڄام هيو، "عشق" سان ته ٻنڌڻن لاڪون ٻولُ بَدَل هوس، ويتر جو ڪيس حضرت بيدل جي تربيت حاصل ٿي، تنهن ڪري سندس اڳيان تصوف جا راز، اسرار، اشارا ۽ ڪشف ڪُلي پيا. بيڪس فقير جي شروعاتي تربيت ته حضرت بيدل سائين جي فڪري مڪتب ۾ ٿي، جنهن بعد ڪجهه وقت حضرت بيدل جي سؤٽ فقير عبدالله جي مدرسي ۾ پڙهيو، جنهن ڪيس زماني جي دستور موجب فارسي جي تعليم ڏني.(.)

بيڪس فقير ته اڪيون ئي علمي ۽ صوفيانہ ماحول ۾ ڪوليون. سندس والد بزرگوار حضرت بيدل وٽ ان وقت جي اهم صوفي درويشن، مفڪرن، عالمن ۽ شاعرن جو اڇڻ وڇڻ ٿيندو هو، جتي يقيناً "تصوف" ۽ ٻين علمي موضوعن تي بحث مباحثا ٿيندا هئا ۽ ان گفتگوءَ جو انت اچي "عشق" تي ٿيندو هو، اهڙي ريت بيڪس فقير جي شخصيت تي ان ماحول وڏيڪ اثر ڪيو اهوئي سبب هو جو بيڪس فقير ان صوفياڻي فضا ۾ ٿوري عمر ۾ ئي رچي رينو ٿي ويو ۽ پنهنجي شخصيت ۽ فڪر ۾ برڪ ۽ بيمثال بڻجي ويو. سنڌ جي نامياري محقق سيد حسام الدين شاه راشدي هڪ هنڌ لکيو آهي ته، "بيڪس فقير عربي ٿوري سکيو باقي فارسيءَ جو ڄاڻو هو، جهڙوڪ،

Scanned by CamScanner

ٻيو جميو ئي ڪونہ! بيڪس فقير مجازي محبت جو تہ هو ٻندار پر راگ ويراگ ۽ سماع ۾ بہ پنهنجو مٽ پاڻ هو، موج ايندي هيس تہ پاڻ بہ گنگهرو پائي يڪتارو ڪٽي راگ آلاپيندو هو"(۱) سنڌ جي هڪ ٻي وڏي ليکڪ ۽ شاعر هري دلگير پنهنجي آتم ڪٿا ۾ جاڻايو آهي تہ: سندس ٻِتا ملازمت جي سلسلي ۾ روهڙيءَ ۾ رهندو هو، تنهن ڪيس ٻڌايو هو تہ، "روهڙيءَ وارو بيڪس فقير چاندوڪي رات ۾ درياھ جي ڪناري واريءَ تي ليٽي ڳائيندو هو ۽ سندس مجازي دوست 'ڪنعيو' ناچ ڪندو هو."(۲)

تصور ڪريو، چا تہ منظر هوندو! تڏهن تہ سنڌو درياھ هاڻوڪن ڏينهن جيان رُڻل بہ نہ هوندو ۽ سنڌ جي حُسناڪ شهر روهڙيءَ ۾ بيباڪ صوفي سرواڻ فقير قادر بخش بيدل جي خوبرو ۽ نوجوان فرزند بيڪس فقير جا رندي نعرا، قلندري ۽ سرمدي انداز سڄي شهر واسين کي مذهبي ڪٽرپڻي ۽ فراقيواريت جي خلاف اجتماعي سوچ ۽ سگھ بخشيندا هوندا. بيڪس فقير جي حلقي ۾ شاھ عنايت جهوڪ واري ۽ حضرت بيدل جي چڏيل فڪر جا پوئلڳ شامل هئا، جن ۾ هندو، مسلمان ۽ ويندي سڪ بہ هئا، جيڪي مذهبي مت پيد ۽ ڪٽرپڻي کي لت هڻي "توحيد" جي جهنڊي هيٺ گڏ ٿيا هئا. اهڙن صوفين ۽ وحدت الوجودي فقيرن جو مذهب "عشق" هيو ۽ بيڪس فقير روهڙيءَ ۾ عشق وارن جو پيرمُغان هيو ۽ پنهنجي سمورن فقيرن ۽ طالبن سان گڏ اهو نعرو هنيائين تہ:

عشق اسان جو امام، دين ڪفر سان چاهي،
فرقت جان فنا ڪئي، من اندر ماتام.

بيڪس فقير کي روحاني فيض بہ پنهنجي والد حضرت بيدل سائين وٽان مليو. چوڻ ۾ اچي ٿو تہ، شاھ لطيف جيڪو ڪُنو چاڑهيو ان جو ڊڪڻ سچل سائين لاٿو ۽ بيدل سائين انهيءَ روحاني فيض کي ورهائڻ وارن ۾ شامل ٿيو ۽ بيدل کان اهو فيض سڀ کان پهريان بيڪس ورتو. بيڪس فقير جي شخصيت ۽ ڪلام تي

حضرت بيدل جي ڪلام جو گهڻو اثر آهي. بيڪس فقير جو ڪلام فڪري توڙي فني حوالي سان تمام گهڻو معياري آهي. خاص طور تي هو پنهنجي مجازي ڪلام ۾ ته گهڻن شاعرن کان مٿانهون نظر اچي ٿو بيڪس فقير جو هڪ نوجوان "ڪنئي" سان پرت جو پيوند پيل هو ۽ بقول عبدالحسين موسوي صاحب جي "سندس تعلق "ڪنئي" سان اهڙو هيو جهڙو سرمد جو ابيچند سان" (۲) فقير بيڪس کان جڏهن مجازي دوست رُسي ٿوته ڪيس هينئن پرچائي ٿو:

راز محرم رُس نه يار آ ته پرچون پاڻ ۾،
اکڙيون تنهنجو گُل انار آ ته پرچون پاڻ ۾.

ڪيڏو نه نماڻو ۽ رومانوي انداز آهي بيڪس فقير جو. فني لحاظ کان محبوب جي اکين لاءِ "گل انار" جي تشبيه ته سندس ڪمال آهي. جمالياتي ذوق ۽ سونهن کي بيان ڪرڻ جو انداز ته ڪوئي بيڪس فقير کان سکي.

ساڳئي وقت سونهن جو هڪ صوفي شاعر جي دل تي پوندڙ اثر ۽ هڪ عاشق لاءِ محبوب جي ماڻن سان پريل اکڙين آڏو بيوس بنجڻ جو اظهار بيڪس هن ريت ڪري ٿو.

خوني خماري چشما چُڻن ٿيون،
ڏسڻ ساڻ عاشق ڪيئي ڪُهن ٿيون.

بيڪس فقير مجاز سان گڏ حقيقت جو به شاعر هو، پر پنهنجي ڪلام ۾ هو هڪ برڪ رومانوي صوفي نظراچي ٿو۽ سندس مجازي شاعري ڏادي خوبصوت ۽ انوکي آهي. موسوي صاحب لکيو آهي ته، "بيڪس ظاهري طرح مجاز ڏانهن مائل نظرايندو هو پر درحقيقت هو حقيقت ڏانهن راغب هو، ڏسڻ ۾ حُسن لاءِ بيحال پر سچ پچ باحال، ٻاهران ديوانو اندر ۾ فرزانو هوندو هو." (۴) بيڪس فقير جي مجازي شاعري جماليات سان پرپور آهي، هو بنستي رُت جو شاعر آهي. هنن شعرن ۾ بيڪس فقير رنگن ۽ موسمن جو جيڪو ذڪر ڪيو آهي ۽

پنهنجي بسنتي ويس واري محبوب جي جيڪا ڳالهه ڪئي آهي، سا پڙهندڙ ۽ بدندڙ جي آڏو جماليات ۽ ڪائنات جي فطرتي رنگن جو جيڪو منظر پيش ڪري ٿي سو ڏاڍو دلڪش ۽ اثر انگريز آهي.

پيا بسنتي ڪر ويس آيا آپ عجب رنگ لايا،
جاما زرد بسنتي ڪيتس رخ گلابي پيا،
بيڪس ويڪ بسنتي نظاره بيدل سرب سمايا.

مجازي ڪلام ۾ بيڪس وٽ جمالياتي عڪسن سان گڏوگڏ نماٽائپ ۽ درد ۽ دڪ جي تات آهي. نامياري ادیب مرحوم گل محمد گلاٽي لکيو آهي ته، "عمر جي لحاظ کان جڏهن سندس ڪلام تي نظر ٿي ڪجي ته حيرت وٺيو وڃي ته هن نوجوان شاعر حسن ۽ عشق جون اهي ڳالهيون ڪيون آهن. جن کي ڪو وڏي عمر وارو مفڪر ئي ڪري سگهي ٿو"(۵)

بيڪس فقير جي شاعريءَ ۾ مجازي مامر جو سادو ۽ سلوٽو اظهار بين شاعرن جي مقابلي ۾ انوکي اندز ۾ ملي ٿو.

سندس ڪلام ۾ درد ۽ فراق جون پُڪارون نهايت سادگيءَ سان بيان ڪيل آهن ۽ ڏڪ، ڏوراپا ۽ ميارون انتهائي عام گفتگو جيان ۽ نماٽي انداز ۾ بيان ڪيل آهن:

سچ الاُيوَ يار بين سان مون سان ڪوڙ ڪمايو تو،
يار جادوگر بيڪس سان هئي واه جو نينهن نيايو تو.

بيڪس فقير هڪ 'عاشق شاعر' هو ۽ هڪ سچي عاشق کي هو سُورهيه سڏي ٿو ۽ اهڙي سورهيه عاشق لاءِ سِرُ ڏيڻ ۽ سُوريءَ تي چڙهڻ ضروري سمجهي ٿو.

نينهن وارن جي نشاني جي هوندا سورهيه سچا،
سِر ڏيڻ سُوري چڙهڻ آهي مشتاقن مُدعا.

انهيءَ خيال کي تقويت بخشي ۽ مضبوط ڪندي، نيهن جي راهه ۾ جان ڏيڻ واي کي "شهيد" سڏي ٿو:

Scanned by CamScanner

شوق جي شمشير سان لاشڪ سيئي ته شهيد ٿيا،
برهه جي بازار ۾ جن سِر ڏئي سودا ڪيا.

انهن شعرن ۾ بيڪس فقير مجاز کان حقيقت طرف مائل نظر اچي ٿو ۽ 'عشق' جي انتهائي منزل تي رسڻ کان پوءِ سُوريءَ تي هسوار ٿيندڙ عاشقن ۽ صوفين کي ياد ڪندي، ديوانه وار انهن جي ورتل رستي ۽ عشق جي اٽانگي سفر ۾ پاڻ کي هن طرح محسوس ڪري ٿو:

مَنصور جيها ڪيئي مردانا، سُوريءَ تي هسوار،
بيڪس برهوُن وچ بازر ۾، روئي زارون زار.

سنڌ جو مشهور اديب ڊاڪٽر عبدالجبار لکي ٿو ته: "بيڪس سُونهن جو پوڄيندڙ هو ۽ ائين لکڻ سان وڏاءَ نه ٿيندو ته هو حسن جي دربار ۾ پانهون ٻڌل پانهو هو. هن جي ست ست ان ڳالهه جي شاهد آهي ته هن پيار جا پيالا پُر ڪري پيتا هئا"(٦) ڊاڪٽر صاحب وڌيڪ لکي ٿو ته: "بيڪس جي ڪلام ۾ درد جي شدت ۽ حُسن جي حقيقت نمايان آهي ۽ ان کي ڪٿي به لڪائي نه ٿو ۽ وڏي واڪ ٻڌائي ٿو:(٦)

درد ڪنون دل ماندي ميڏي،
برهه ديان وه بازيان.

مجازي شاعريءَ سان گڏوگڏ بيڪس فقير جو وجودي ۽ رندي ڪلام به سندس عارفاني شخصيت، جمالياتي ذوق ۽ وحدت الوجودي فڪر کي جاندار نموني پيش ڪري ٿو. بيڪس فقير جي رندي ڪلام ۾ به اهوئي فڪر سمايل آهي، جيڪو سندس پير مُغان حضرت بيدل ۽ ان کان اڳ جي صوفي مفڪر شاعرن جي ڪلام ۾ موجود آهي. بيڪس سائين جون هيٺ ڏنل سٽون ڪيس ٻين شاعرن کان منفرد بنائن ٿيون، خاص طور تي سندس اظهار جي انداز جي حوالي سان:

Scanned by CamScanner

ساجن سائين سير ڪرڻ لئہ آيو ٿي انسان،
ڪاٿي ڪافر گبر، يهودي ڪاٿي مسلمان.

فڪر تہ ساڳيو صوفياڻو آهي، جنهن کي بيڪس ڪان اڳ ڪيترن شاعرن پيش ڪيو آهي، پر بيڪس فقير جي بيان جو انداز، لفظن جي چونڊ ۽ تجنيس حرفي ڏاڍي خوبصورت آهي، سندس هن ست کي تہ گهڙي گهڙي پڙهڻ تي دل ٿي چوي:

ساجن سائين سير ڪرڻ لئہ آيو ٿي انسان.

بيڪس فقير پنهنجي وقت جو هڪ سچو صوفي سرواڻ هيو، هو مذهبي ڪٽرپڻي ۽ فرقيواريت جي سخت خلاف هو. بيڪس فقير انهيءَ فڪر کي سيني لائڻ سان گڏوگڏ ان رستي ۾ جان جي بازي لڳائڻ کان بہ پرواهہ نہ ٿو ڪري. بيڪس فقير هڪ سچي ۽ انقلابي صوفيءَ جي حيثيت ۾ هم اوست جو قائل آهي ۽ 'من خدايم' جو نعرو هڻي ٿو:

ڪيو سدائين سامينڙن وحدت جو واپار،
من خدايم دم دم چيائون عشق جو هي اسرار.

بيڪس فقير پنهنجي ڪلام ۾ انهن سچن صوفي سرواڻن جو ذڪر بہ ڪيو آهي، جن پنهنجي دور ۾ حق جو نعرو بُلندو ڪيو. سچ جو ساٿ ڏنو ۽ عشق جي راهہ ۾ سُوليءَ جو سينگار ٻڌجي ويا.

منصور جهڙا ڪيئي مارَيوَ،
شيخ عطار جو سِيسُ ڪٽايُوَ،
شيخ بلال کي پيڙهايُوَ.
مرحبا عشق آئين،
سُولي ساهہ سنيايان،
اناالحق الايان!

بيڪس فقير جي شخصيت پنهنجي وقت جي هڪ انوکي ۽ يگاني هئي. حضرت بيدل فقير جهڙي رند ۽ بيباڪ صوفي سرواڻ جي

Scanned by CamScanner

نشاني طور تہ ڪيس هونءَ ئي وڏو مانُ ۽ مرتبو حاصل هيو، ويتر پنهنجي صوفيانہ ڪلام علم ۽ قلندري انداز جي ڪري هو سڀني جي توجھ جو مرڪز هيو. بيڪس فقير نوجوان ۽ هر طرحين سھڻو ۽ پُراثر شخصيت جو مالڪ هو. ڏينهن جو ڏاڍي حشمت سان گذاريندو هو ۽ ڪيترن ئي طالبن ۽ فقيرن جي سات ۾ وڏي مستيءَ سان گھمندو هو، رات جو وري سادا ڪپڑا پائي يڪتارو ڪٽي ۽ پيرن ۾ گنگھرو ٻڌي پيو ڳائيندو هو.

## حوالا


(.) ديوان بيڪس: مؤلف عبدالحسين شاھ موسوي. پھريون ڇاپو ۱۹۶۵ع

(۱) مضمون: "عشق جو اوتار بيدل پوتار" حسام الدين راشدي، ڪتاب: ڳالھيون ڳوٺ وٽن جون.

(۲) "چولو منهنجو چڪ ۾" هري دلگير. مطبوعا ۱۹۹۰ع

(۳) ديوان بيڪس: مؤلف عبدالحسين شاھ موسوي.

(۴) ديوان بيڪس: مؤلف عبدالحسين شاھ موسوي.

(۵) "تذڪره شعراءِ روھڙي": مؤلف گل محمد گلاڻي

(٦) روھڙي جو رهبر: ڊاڪٽر عبدالجبار جوٽيجو

"ڪينجھر" مخزن سنڌي شعبو- سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو


Scanned by CamScanner

# ديوان بيڪس جو اپياس

۱۹۵۴ع ۾ "ديوان بيدل" جي اشاعت کان پوءِ، نامياري اديب ۽ محقق سيد عبدالحسين شاهه موسوي، فقير قادر بخش بيدل جي فرزند فقير محمد محسن "بيڪس" جي ڪلام ۽ سندس سوانح عمري تي مشتمل ڪتاب ترتيب ڏنو، جيڪو "ديوان بيڪس" جي نالي سان ۱۹۶۵ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ پاران شايع ڪيو ويو.

موسوي صاحب جي تاليف "ديوان بيدل" جي شايع ٿيڻ کان اڳ ۾، فقير قادر بخش بيدل جي ڪلام ۽ سوانح عمريءَ تي مشتمل ٽي اهم ڪتاب ڇپجي منظرِعام تي اچي چڪا هيا. هڪ "وحدت نامو" (سنڌي بيتن جو مجموعو) ٻيو "ديوان بيدل عرف بيدل جي سوانح عمري (ٻن جلدن ۾) جن کي گدومل کٽڙ مل هرجاڻي سن ۱۹۴۰ع ۽ ۱۹۴۳ع ۾ تاليف ڪيو ۽ ٽيون ڪتاب "بيدل جو سنڌي ڪلام" جيڪو ماهوار "سنڌو" رسالي جي ايڊيٽر بولچند راجپال ۱۹۵۰ع ۾ ترتيب ڏيئي آزاد بوڪ ڊپو حيدرآباد پاران شايع ڪرايو، پر "ديوان بيڪس" جي اشاعت کان اڳ بقول موسوي صاحب جي، فقير محمد محسن "بيڪس" جي ڪلام جو ڪو به ڇپيل ڪتاب پڌرو ڪونہ ٿيو هيو، جيئن "ديوان بيڪس" جي پيش لفظ ۾ لکيو اٿائين تہ، "بيدل جو ڪلام تہ بازار ۾ موجود هو، پر هن درويش جي ڪلام جو پتو ندارد، جيئن مالهي گُل ڪٺان ۽ ٻہ گل ڪٺان ڪري گلدستو تيار ڪندو آهي، تيئن ڪافي ڪٺان ۽ ٻہ ڪافيون ڪٺان ڪري مون هيءَ مجموعو تيار ڪيو آهي. انهيءَ ڪري صحيح اندازو نٿو لڳائي سگهجي تہ ڪلام سڀ اچي ويو يا ڪجھ رهجي

ويو، پر قياس ائين چوي ٿوتہ ڪلام ايترو ئي هٿ گهرجي.“

”ديوان بيدل“ جو تہ ٽيون چاپو ۱۹۹۱ع ۾ آيو آهي، پر افسوس جو ”ديوان بيڪس“ جو هن وقت تائين پهريو چاپو ۽ اچي ڪونہ سگهيو آهي. ان لحاظ کان فقير بيڪس جي ڪلام ۽ سوانح عمري تي مشتمل اهو انتهائي اهم نسخو هن وقت ناياب آهي.

جيئن مون پهريان ۽ عرض ڪيو تہ، ”ديوان بيڪس“ جي شايع ٽيڻ کان اڳ بيڪس فقير جي ڪلام ۽ سوانح عمريءَ جو ڪو چپيل ڪتاب آيل ڪونہ هيو.ان ڪري سيد عبدالحسين شاهہ موسوي صاحب هن ڪتاب کي تيار ڪرڻ لاءِ تمام گهڻي جاکوڙ ڪئي.۽ بيڪس فقير جي ڪلام جا ڪافي قلمي نسخا ۽ بياض هٿ ڪري ورتا، جن مان سندس ڪلام پينڊي ۽ ڪجهہ پهريو ڪلام فقيرن کان پُڌي سُڌي ”ديوان بيڪس“ نالي اهو اهم مجموعو ترتيب ڏنو، جنهن جو مون جيڪو اڀياس ڪيو آهي، سو هتي پيش ڪجي ٿو، هن اڀياس هيٺ اها پڻ ڪوشش ڪبي تہ، ”ديوان بيڪس“ ۾ آيل اهو الحاقي ڪلام ۽ پڌرو ڪجي جيڪو فقير بيڪس جو چيل ناهي ۽ پُل وچان ”ديوان بيڪس“ ۾ شامل ٿيو آهي. ان سان گڏوگڏ آءٌ هتي بيڪس فقير جو ڪجهہ اهڙو ڪلام ۽ پيش ڪري رهيو آهيان جيڪو اٽڪيل آهي ۽ فقير بيڪس جو اهو ڪلام ”ديوان بيڪس“ ۾ عبدالحسين شاهہ موسوي صاحب شامل نہ ڪيو اهي جو تہ اهو ڪلام سندس نظرن مان نہ گذريو هوندو. اها راقم الحروف جي خوش قسمتي چئجي جو بيڪس فقير جو اهو اٽڪيل ڪلام سندس ڪوششن ۽ ڪولا سان ملي سگهيو آهي.

سيد عبدالحسين شاهہ موسوي جو تاليف ڪيل ”ديوان بيڪس“ جو اهو اهم ڪتاب ڪُل ۱۴۸ صفحن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ ۳۳ صفحي تائين بيڪس فقير جي سوانح عمري شامل آهي ۽ باقي حصي ۾ بيڪس فقير جو اهو سنڌي، سرائڪي، اردو ۽ فارسي ڪلام شامل ڪيو ويو آهي. جڪو موسوي صاحب کي گهڻي ڪوشش کان پوءِ ملي سگهيو آهي. ”ديوان بيڪس“ جي ترتيب

Scanned by CamScanner

دوران عبدالحسين شاهه موسوي، فقير بيڪس جي ڪلام ۽ سوانح عمري جي جن ماخذن تان مدد ورتي آهي، انهن جو ڪل تعداد ٻارهن آهي، جن ۾ بيڪس فقير جي ڪلام جا پنج اهم قلمي نسخا ۽ ست قلمي بياض شامل آهن، جن جو تفصيل "ديوان بيڪس" جي صفحي ۳۶ تي ڏنل آهي.

"ديوان بيدل" جيان "ديوان بيڪس" ۾ پڻ موسوي صاحب بيڪس فقير جي شخصيت ۽ ڪلام تي بهترين مواد ڏنو آهي ۽ پنهنجي خوبصورت طرزِ تحرير ۾ بيڪس فقير جي سوانح عمري ۽ ڪلام تي مفصل روشني وڌي آهي ۽ جيتري قدر منهنجي ڄاڻ جو تعلق آهي تہ ان کان اڳ بيڪس فقير تي ان سطح جو تحقيقي ڪم ڪونہ ٿيو هو ۽ نہ وري "ديوان بيڪس" جي ڇپجڻ کان پوءِ هيل تائين سنڌ جو ڪو ادیب يا ليکڪ بيڪس فقير جي حوالي سان ڪو ڳڻڻ جوڳو ڪم ڪري سگهيو آهي.

"ديوان بيڪس" ۾ بيڪس فقير جو جيڪو ڪلام شامل ڪيو ويو آهي، ان جو تفصيل هن ريت آهي:

سنڌي ڪلام: ۷۲ ڪافيون، هڪ مثنوي
۽ مناجاتون، ۽ مداحون
۲۹ ڏوهيڙا
سرائڪي ڪلام: ۹۲ ڪافيون، ۳۳ ڏوهيڙا
فارسي ڪلام: ۷ غزل

سرائڪي ڪلام واري حصي ۾ موسوي صاحب بيڪس فقير جا ڇهہ اردو غزل پڻ شامل ڪري ويو آهي، جيڪي اردو ڪلام طور الڳ ڏيڻ ڪپندا هئا. بيڪس فقير جا اهي ڇهہ اردو غزل ديوان بيڪس جي سرائڪي ڪافين واري حصي ۾ ڪافي نمبر ۳، ۴، ۵، ۱۰، ۱۱ ۽ ۸۲ طور شامل آهن.

## الحاقي ڪلام:

هتي "ديوان بيڪس" ۾ شامل اهڙاپنج ڏوهيڙا پيش ڪجن ٿا،

Scanned by CamScanner

جيڪي الحاقي آهن ۽ اهي بيڪس فقير جا چيل ناهِن انهن منجهان پهريان چار ڏوهيڙا حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ جا ۽ آخري سرائڪي ڏوهيڙو حضرت بيدل فقير جو آهي، جن کي بغير تحقيق جي ديوان بيڪس ۾ بيڪس فقير جي ڪلام طور شامل ڪيو ويو آهي.

ڪوڙ قناتون ڪاڪ ۾، راڻا ويھ رهي،
ماڻهو جي محلات جا، سوڍا ڪر سهي،
ويندءِ ڳالھ وهي، وڪر پوندءِ ولها.
(صفحو ٨٨، سُر مومل راڻو، بيت نمبر-٣)

***

ڏونگر مون سان رو ڪيي پار پنهونءَ جا،
سڄڻ هئم هڪڙو ويو ڦوڙائي سو،
ڪنهن کي ڏيان ڏوھ، مون ارادي ائين ڪيم.
(صفحو٨٨، سُر سسئي، بيت نمبر١)

***

ڏونگر ڏهاڻي، پاڻ مٽائون گهوريان،
تو ۾ رهاڻي، سدا ٻاروچن جي.
(صفحو٨٨، سُر سسئي، بيت نمبر٢)

***

عمر اباڻين پار ڏي مارو آڏن مڏ،
اُٺي اُسر ويل کي ڪن ساهيڙيون سڏ،
هِت مُئيءَ جا هڏ هُت روح اباڻي راڄ ڏي.
(صفحو ٨٩، سُر مارئي، بيت نمبر٢)

***

نين سپاهي سر سرواهي مُغلان وانگ مريندي،
بيڪس شهدا نون بيرحمان هَس هَس قتل ڪريندي،
لُٽ ڦر هار اُجاڙ بناون جيهي طرف چڙهيندي.
(صفحو ١٣٢، سرائڪي ڏوهيڙو نمبر٧)

Scanned by CamScanner

مٿي ڄاڻايل پنجن ڏوهيڙن مان پهريان چار ڏوهيڙا حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جا آهن، جيڪي غلام محمد شهواٽيءَ جي ترتيب ڏنل شاهه جي رسالي مطبوعا نئون ڇاپو ١٩٩٣ع ۾ سُر مومل راڻي، سُر ڪوهياري ۽ سُر مارئيءَ جي ترتيب وار داستان ڇهين ۽ داستان ٻئي ۾ پڙهي سگهجن ٿا.

پنجون ڏوهيڙو حضرت بيدل فقير جو آهي جيڪو "ديوان بيدل" جي صفحي ٢٤٧ تي سرائڪي ابيات جي حصي ۾ ١٩ نمبر بيت طور شامل آهي. فقير بيدل جو اهو ڏوهيڙو خود، فقير بيڪس جي هٿ اکرن ۾ لکيل فقير بيدل جي ڪلام جي قلمي نسخي ۾ پڻ موجود آهي. (مذڪوره قلمي نسخي جو نقل راقم الحروف وٽ موجود آهي)

مٿي بيان ڪيل الحاقي ڏوهيڙن کان سواءِ "ديوان بيڪس" ۾ هڪ سنڌي ۽ هڪ سرائڪي ڪافي شامل ڪئي وئي آهي، جيڪي ڪافيون ساڳئي وقت "ديوان بيدل" ۾ ٻ جيئن جو تيئن شامل ڪيو ويون آهن. اهي ٻ ڪافيون هتي ڏجن ٿيون:

## ١٤. ڪافي روپ ڪلياڻ

عشق جهڙو آزار ڪونہ ڏٺو سي جگ ۾،
دوا درمل ناهه تنهين جو، جيڪي برهه ڪيا بيمار،
ٻئي جهان ٻن ڏنائون، هڪ دوست رکيائون درڪار.
منصور جيها ڪيئي مردانا، سُوريءَ تي هسوار،
بيڪس برهون وچ بازرَ دي، روئي زارون زار.
(ديوان بيڪس صفحو٤٨)

Scanned by CamScanner

## ۱۴- ڪافي روپ جوڳ

مٹنون تُسا ڏڙي تانگھ لڳڙي پيارا،
ناز نينان دي منڙا موھيا وڃي سڃڻ ڪنھن سانگ،
ڪيتئي وسارا.
دين ڪفر دي جاءِ نہ ڪائي، ڈيندا عشق اچانگ
پرت پسارا
بيڪس برھ دي چاءِ ملامت، نيھن نسھرا نانگ
عشق اشارا

(ديوان بيڪس صفحو ۱۰۱)

مذڪوره ٻئي ڪافيون، عبدالحسين شاھ موسوي "ديوان بيدل" ۾ پڻ بيدل جي نالي سان شامل ڪيون آھن، جيڪي ترتيب وار "ديوان بيدل" ۾ صفحي ۱۲۸ تي ڪافي نمبر ۴۶ طور ۽ صفحي ۱۶۸ تي ڪفي نمبر ۱۳۳ طور شامل آھن. انھن ڪافين تي پڻ تحقيق ڪرڻ جي ضرورت آھي تہ اھي ڪافيون اصل بيدل جون آھن يا بيڪس جون؟ عبدالحسين شاھ موسوي ڪي فقير بيدل ۽ فقير بيڪس جي ڪلام جي قلمي نسخن ۾ اھي ھڪجھڙيون ڪافيون ٻنھي شاعرن ڈانھن منسوب مليون آھن ۽ ھن صاحب بغير تحقيق ڪرڻ جي اھي ڪافيون ھڪئي وقت "ديوان بيدل" ۾ بہ شامل ڪيون آھن تہ، "ديوان بيڪس" ۾ بہ. اھي ڪافيون موسوي صاحب جي تاليف "ديوان بيدل" جي شايع ٿيڻ کان اڳ اھي ڪافيون بيدل جي ڪنھن بہ ڇپيل ڪتاب ۾ شامل ناھن، ٻيو تہ راقم الحروف وٽ فقير بيڪس جي ھٿ اکر ۾ لکيل بيدل فقير جي ڪلام جي قلمي نسخي ۾ پڻ بيڪس فقير اھي ڪافيون شامل نہ ڪيون آھن.

Scanned by CamScanner

# فقير بيڪس جو اٽڪپيل ڪلام

هتي بيڪس فقير جو اهو اٽڪپيل ڪلام پيش ڪجي ٿو، جيڪو "ديوان بيڪس" ۾ شامل ناهي ۽ راقم الحروف کي خوشقسمتيءَ سان وڏي جاکوڙ ۽ ڳولا کان پوءِ ملي سگهيو آهي. بيڪس فقير جي مليل ان اٽڪپيل ڪلام ۾ سندس چار ڏوهيڙا، هڪ عربي غزل، هڪ اردو غزل، ٽي سنڌي ڪافيون ۽ هڪ سرائڪي ڪافي شامل آهن.

هتي اهو انڪشاف ٻه ڪندا هلون ته، بيڪس فقير سنڌي، سرائڪي، اردو ۽ فارسي سان گڏوگڏ عربي ٻوليءَ جو شاعر پڻ هيو، جو ته اسان کي مليل سندس اٽڪپيل ڪلام ۾ سندس هڪ عربي غزل ٻه ملیو آهي ۽ جيڪڏهن ڳولا جاري رکجي ته سندس ٻيو عربي ڪلام ٻه ملي سگهي ٿو. هن کان اڳ بيڪس فقير کي عربي ٻوليءَ جي شاعر طور لکيو نه ويو آهي، جاکاڻ ته اڳي سندس عربي شعر ملي نه سگهيو هو.

بيڪس فقير جو اهو نئون ۽ اٽڪپيل ڪلام راقم الحروف کي جن قلمي بياضن مان مليو، آهي انهن جو تعارف هن ريت آهي. اهو ڪلام اسان کي ٻن قلمي بياضن مان مليو آهي. بيڪس فقير جا چار ڏوهيڙا، هڪ عربي غزل، هڪ اردو غزل ۽ ٽي ڪافيون اسان کي فقير گور ڏنداس سوياڻي جي قلمي بياض مان مليون آهن. اهو قلمي بياض راقم الحروف کي فقير صوفي گورڏنداس جي پوٽي نوجوان دوست نانڪ يوسف وٽان مليو، جنهن جي اصل ڪاپي نامياري سنڌي دانشور ۽ محقق ڊاڪٽر تنوير عباسي کي ڏني وئي، جيڪا

Scanned by CamScanner

هينئر سچل چيئر لطيف يونيورسٽي خيرپور جي لائبريري ۾ موجود آهي، جڏهن ته ان جو نقل راقم الحروف وٽ آهي. اها خبر نه ٿي پوي ته سنڌ جي ڪيترن ئي صوفي بزرگن جي ڪلام سان سينگاريل اهو اهم قلمي بياض ڪنهن جي هٿ اکرن ۾ لکيل آهي، ڇاڪاڻ ته ڪاتب ڪٿي به پنهنجو نالو نه لکيو آهي.

البت قلمي بياض جي صفحه ۹۵ مان ان جو سن تاريخ اسان کي ملي سگهيو آهي، جيڪو آهي: "۱۸ ماه شعبان ۱۳۱۰هجري" جيئن ته اسان کي اهو بياض صوفي گورڌنداس جي ذاتي لائبريريءَ مان مليو. ان ڪري اسان ان جو نالو صوفي گورڌنداس* وارو بياض" رکيو آهي.

صوفي گورڌنداس وارو قلمي بياض ڪُل ۴۸۶ صفحن تي مشتمل آهي. خوبصورت هٿ اکرن ۾ لکيل ان بياض ۾ شامل ڪلام صاف پڙهڻ ۾ اچي ٿو. مذڪوره بياض ۾ جن صوفي بزرگن جو ڪلام شامل آهي، ان جو تفصيل هن ريت آهي:

حضرت سچل سرمست جون ۷۰ ڪافيون، بيدل فقير جون ۱۹۴ ڪافيون ۽ ڏوهيڙا بيڪس فقير جون ۳۳ ڪافيون ۽ ڏوهيڙا نانڪ يوسف جون ۱۳ ڪافيون، صادق فقير جون ۷ ڪافيون، فقير جون پنج ڪافيون، خوش خُير محمد جون ٽي ڪافيون، عبدالله فقير، طالب ۽ فريدڻ جون ٽي ٽي ڪافيون، دريا خان، خير شاه، موهن اصغر، غلام حيدر، همت علي ۽ نظرعلي جون به به ڪافيون،

---

* فقير گورڌنداس ولد ڏرمداس سوياڻي تاريخ ۲۶ جون ۱۹۰۲ع تي روهڙيءَ ۾ ڄائو. هن ۱۹۲۲ع ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو. ملازمت جي حوالي سان هن ۱۹۵۸ع ۾ سپروائيزنگ ٽيپيدار جي حيثيت ۾ رٽائر ڪيو. فقير گورڌنداس درگاهه سچل سرمست جي گادي نشين سخي قبول محمد دوئم جو طالب ٿيو. پاڻ درازا شريف جي درگاهه جو پانڌيئڙو هو ۽ اتي ٻين فقيرن سان گڏ صوفي راڳ ويراڳ ۾ شامل پڻ ٿيندو هو. فقير گورڌنداس سوياڻي ۶ ڊسمبر ۱۹۸۳ع تي ديهانت ڪري ويو ۽ پنهنجي وصيت مطابق درگاهه سچل سرمست (درازا شريف) تي دفن ڪيو ويو. سندس هڪ پُٽ ديوان جينانند سوياڻي پڻ روهڙي شهر ۾ هڪ علمي ۽ فقيري شخصيت جو مالڪ هو، جنهن ۲۴ آڪٽوبر ۱۹۸۳ع تي ديهانت ڪيو.

Scanned by CamScanner

نبي بخش، محمد صلاح، ارباب، انس، پير محمد عثمان، ڦوڙائو فقير ۽ اميد علي جي هڪ هڪ ڪافي. تنهن کان سواءِ ڪجھ ڏوهيڙا ۽ فارسي شاعرن جو هڪ اڌ ڪلام پڻ شامل آهي. بياض ۾ سلطان باهو جا ڏوهيڙا پڻ لکيل آهن.

اڇپيل ڪلام طور ڇاڻايل بيڪس فقير جي سرائڪي ڪافي اسان کي هڪ ٻي قلمي بياض تان ملي آهي، جيڪو بياض پڻ اهم قلمي بياض آهي. هي اهو ئي بياض آهي، جنهن تان استفادو حاصل ڪري راقم الحروف حضرت بيدل سائين جي مڪمل اردو ڪلام کي ڇپرايو آهي. مذڪوره قلمي بياض هڪ ضخيم قلمي ڪتاب آهي، جيڪو پورن ۲۹۷ ورقن يعني ۵۹۴ صفحن تي مشتمل آهي. صوفي بزرگن جي ڪلام جي انهيءَ اهم قلمي بياض جا ڪاتب روهڙي شهر جا نامياراعالم ۽ اديب قاضي غلام مهدي (وفات ۱۹۳۳ع) ۽ آخوند فيض محمد (وفات ۱۹۰۳ع) آهن. انهيءَ بياض ۾ سچل سرمست، بيدل، بيڪس، نانڪ، يوسف، شاه تراب، شاه عنايت، بُلا شاه، اڪبر شاه، جانشاه، عثمان مروندي، ڪبير پڳت، عثمان مروندي، تلسيداس، درياه خان، شاه قلندر، عبدالله فقير، شاه حسين ۽ ڪجھ نامعلوم شاعرن جو ڪلام شامل آهن. وڌيڪ ڏسو راقم الحروف جي ڪتاب "بيدل جو اردو ڪلام" جو مهاڳ (مطبوعا ۱۹۹۷ع).

بيڪس فقير جي اها سرائڪي ڪافي مذڪوره قلمي بياض ۾ صفحي ۲۸۰ تي لکيل آهي ۽ ان جو ڪاتب آخوند فيض محمد آهي.

هتي بيڪس فقير جو انهن ٻنهي قلمي بياضن مان هٿ آيل اڇپيل ڪلام پيش ڪجي ٿو.

Scanned by CamScanner

## ڏوهيڙا

راڻا رسامان ڪرين ماڻهو مڻا وڃن،
آءُ تہ پرڇون پاڻ ۾ دل جا داغ لهن،
آلا قٽ فراق جا چُٽيا ڪين چُٽن،
پڇاڻان پرين راڻا رُسين ڪن سان.

(قلمي بياض: صفحو ٢٢٦)

***

سجن ڪس ڪامت بچهڙ ڪي بچهڙي دور نہ جاءِ،
اور روئي جگ سي ڪس ڪون ڪَهہ سُناءِ،
بيڪس برهہ بلاءِ ان ٻُدها آءُ رهيا.

(قلمي بياض: صفحو ٢٣٩)

***

مل سيالين ايوين آکهن جو دل نون نهين پليندي،
متيان ڏيون سيان نون جاکدي نال مليندي،
بيڪس دل ويچاري بيوس ڪيهي رمزدي نال رليندي.

(قلمي بياض: صفحو ٢٤١)

***

جنهن تي ويڪيا پير اساڏا تئن تہ ويڪيا عين الله،
من راني فقد رائي الحق ائين فرمايو فتاح،
نہ ڪو ڪن فيڪون هو نہ ڪو سورج ماهہ،
تہ بہ بادشاهي بيدل ڪئي واحد سڏائي واهہ،
ڪعبو آهي ڪوهہ ۾ پر توجي چت ۾ چاهہ،
بيدل شاهَنشاه بيڪس ڪي آهي پرين.

(قلمي بياض: صفحو ٢٤١)

Scanned by CamScanner

## بيكس جو عربي غزل

ليسَ ثلكَ يا اَخِي اَنا اين فِي العشک فَنا،
كانَ فِي الدارينِ ثبتک يا اَخِي قائِم بَقا.

اَنتَ صاحبِ التَاجُ اَنا مَحُو نَفِي،
فِيکَ يا مَحبُوبُ رُوحِي صاحبا ذُوالحَيَا.

نُور مَولا اَنتَ لارَيب اَنَا،
اَينَ نِفيءَ باثباتکَ يا ضِيا صاحبُ لَقَا.

اَنتَ قَادِر في الَقلب يا حُسنُ نُورُ،
كن في الكونين يا صاحب لَقا صاحبُ لوا.

كَان بيكس فِي القَدَم يا شاه بَيدلِ اَلغِياث،
عِندَ عَيني كُن يا شمس الهُدي بَدر الدجي.

(قلمي بياض: صفحو ٢٧٢_٢٧٣)

Scanned by CamScanner

# اردو غزل

اے میرا دلبر مُکھھ سوں پردا دور کر،
شمع رخ اپنی کوں پروانه سوں نا مستور کر۔

ای کبک رفتار تیری طوطی گفتار ھے،
موسیٰ وانگوں دل میری ارنی آکھوں به طور کر۔

دیکھھ مجھھ کو اے صنم یکبارگی بھر خدا،
مست مفتون میں تیرا وانگوں میکوں منصور کر۔

حال فرقت اے سجن نه سہتی ھے دل میری،
یکدمی دیدار دئیو پیچھے تو چکنا چور کر۔

بیکس بیوس تیرے در دا اصل لاکھوں ھے یه بردا،
تیرے چرنین سرد ھردا پلپل دل پور کر۔

(قلمي نسخو صفحو ۲۵۳)

Scanned by CamScanner

## سنڌي ڪافي

بالحق بالحق بيدل مطلق
هر جا حاضر ناظر آهي
مولا آ مسجود مڙن جو
ساجد سنگت ٻيو ڪهڙو ساهي.
مرشد محقق مڙني مالڪ
منصور پي ته اُتي چاهي.
هادي مهدي رهبر ميڏا،
والله بالله ٻيو ته نه آهي.
بيڪس جيها ڪيئي سڳ در تي
ڪاهيون تن کي عشق سان ڪاهي.

## ڪافي روپ گجري

محب لاءِ مُٺي قربن ڪُٺي
الله لڳ سگهو آءِ لالڻ لُٺي.
- ادا پانڌي پرين کي بلڪل چئج تون
ڳچيءَ پاند پائي پيرين پئج تون
سِر تي ٽي پيارا جيءَ جي جُٺي.
- جاني ڏسي حال ڪرڪا ٻلائي
سوا تنهنجي ساجن نماڻي سدائي
وڇوڙي جي ڪاڻ نشاني بي مَٺي.
- سيالیان سهيليان ڪر مڙئي حملا
ٻڌائن مٺي تي بَديءَ جا شعلا
بيڪس تي برهه جي ڪائي بوند اُٺي.

(قلمي بياض: صفحو ۱۴۸)

Scanned by CamScanner

# كافي روپ وهاڳ

ناھ ويچاريءَ جو وس، ڪيچي مون کي ڪالھ ڪٽي ويا.

- ڪيچ عشقدا پيچ مين يارو،
پنيور کون منھنجي بس.
- ننڊ نماڻي کي نڏر نھوڙيو
ڪيچي پيا پوءِ کس.
- وال انھاندي دام دلياندا
قلب ڪھ نہ کس.
- مئن نہ ڄاتا يار تسانون
پچي کي ٿيسي بي ترس.
- ڪار ڪنيہ قتل تُساڏي
جاني تيکون جس.
- نانءِ الله جي نھار نماڻيءَ ڏي
گولي تنھنجي ٿي گس.
- ڪاڻ ڪنئي رنگ ۾ بيرنگ
بيدل مون ٿيو بيکس.

(قلمي بياض: صفحو ٢٥٤)

Scanned by CamScanner

# سرائڪي ڪافي "روپ پهاڙي"

هوش گنوايم حاليان، آوين ويڙهي يار پيارا
- سانورا سمجهه مين نيهن نه آيا" شاه قضادي مينون ڪهايا
برهي باهيان پاليان وو
- ڪڏان تون رسندي رانجها رانول، ڪڏان وت پرچين سهڻا سانول
نيان نيان تيريان چاليان وو
- بيڪس بيوس ڪڙا جو پُڪاري، رويون رويون هجون هاري
ياد پون جڏان ڳالهيان وو

(قلمي بياض: صفحو ٢٨٠)
ڪاتب: آخوند فيض محمد

Scanned by CamScanner

# سيد نواب شاھ سڪايل

- باڪمال صوفي مفڪر ۽ شاعر فقير قادر بخش بيدل ڪان پوءِ روھڙي شھر مان جيڪي ٻ اھم شاعر پيدا ٿيا آھن، انھن جي فن توڙي فڪر تي سِڌيءَ يا اٽسڌيءَ طرح بيدل سائينءَ جو ئي گھرو اثر آھي، پر ڪي شاعر ته اھڙا آھن جن ڪي اسين بيدل سائينءَ جي ئي سلسلي جا شاعر چئي سگھون ٿا. اھڙن نامياڻن شاعرن ۾ بيدل سائينءَ جي فرزند بيڪس فقير ڪانپوءِ سيد نواب شاھ "سڪايل" جو نالو اچي ٿو. روھڙي شھر ۾ اھڙا ٿي شاعر ٿي گذريا آھن، جن پنھنجي ڪلام ۾ سڪايل تخلص استعمال ڪيو آھي. ھڪ نواب شاھ سڪايل، ٻيو سترامداس سڪايل ۽ ٽيون نبي بخش سڪايل، پر انھن ۾ اسان جو سائين نواب شاھ سڪايل اول ۽ اھم آھي. سيد نواب علي شاھ رضوي. بيدل سائينءَ جي فرزند ۽ خوبرو شاعر فقير محمد محسن بيڪس جي نظر فيض سان پھريائين فقير بٽيو ۽ پوءِ سڪايل بٽجي پنھنجي درد انگريز ۽ دلسوز ڪلام ذريعي پنھنجي سِڪ ۽ اُڪير جي پرچار ڪندو رھيو ۽ ھينئر ٻ پنھنجي مرشد ۽ محبوب جي درگاھ جي اڱڻ ۾ آرامي آھي

افسوس سان چوٽو پوي ٿو ته، سائين نواب شاھ سڪايل جو ڪو تفصيلي احوال يا تذڪرو اسانکي ملي نه سگھيو آھي. سنڌي ادب جي نامياڻن تذڪره نويسن محمد صديق ميمڻ، مولانا دين محمد وفائي ۽ نعيم تقوي پڻ پنھنجن تذڪرن ۾ نواب شاھ سڪايل ڪي ياد نه ڪيو آھي.

Scanned by CamScanner

جَسُ آهي سنڌ جي نامياري اديب ۽ محقق مرحوم لطف ا لله بدوي کي جنهن پهريون پيرو پنهنجي تصنيف "تذڪره لطفي" جي پاڳي ٽئين مطبوعا (٥٣-١٩٥٢ع) ۾ نواب شاهه سڪايل جو مختصر پر جامع احوال ڏنو آهي ۽ سندس شخصيت ۽ شاعريءَ تي محققانه روشني وڌي آهي. لطف الله بدوي صاحب انهيءَ تذڪري ۾ نواب شاهه سڪايل جي ٽن ڪافين ۽ پنجن بيتن جو انتخاب پڻ ڏنو آهي، جن کي هن مضمون جي آخر ۾ شامل ڪيو ويو آهي. تذڪره لطفي ۾ شايع ٿيل نواب شاهه سڪايل جو احوال جيئن ته سندس سوانح جي سلسلي ۾ هڪ بنيادي ۽ اهم ماخذ جي حيثيت رکي ٿو تنهن ڪري پڙهندڙن جي لاءِ هتي جيئن جو تيئن پيش ڪجي ٿو.

"سيد نواب شاهه، بيڪس سائين جو راز محرم طالب ١٨٤٣ع ڌاري، ان وقت جڏهن انگريزن سنڌ فتح ڪئي، روهڙيءَ ۾ پيدا ٿيو. سندس والد جو نالو سيد نواب امام علي شاهه هيو، جنهن جو سلسلو نسب وڃي امام علي نقي عليه السلام سان لڳي. سيد نواب شاهه پري پاڳي ۽ وڏي عزت واري گهر ۾ پيدا ٿيو، مگر هن جي زندگي ياد الاهي ۽ جذب ۽ جوش ۾ گذري. هو اگرچه جاگير جو مالڪ هيو پر ڪيس فقر ۽ فاقي جي زندگي وڌيڪ مرغوب ٿي. سندس خاندان جي هرشخص کي نوابي جو خطاب هو مگر سيد نواب شاهه فقير سڏائڻ کي وڌيڪ فخر سمجهيو. جامي ڪهڙو نه هنن درويشن لاءِ عمدو فرمايو آهي:

بنده عشق شدی ترک نسب کن جامی
که درین راه فلاں ابن فلاں چیزی نیست

ترجمو: عشق جي پانهپ قبول ڪرڻ ڪانپوءِ جامي نسب ڇا جو. هن وره جي وات ۾ فلاڻو پٽ فلاڻي جو ڪاشيءِ نه آهي.

سلوڪ جي پنڌ ۾ پهرين ڳالهه آهي پاڻ وسارڻ. جنهن هي پول ڀڳو، انهيءَ يقيناً مقصد جو موتي لڌو. نواب صاحب جي شروعاتي زندگي وڏي دبدبي ۽ عيش جي حياتي هئي. ظاهري علم جي

Scanned by CamScanner

سعادت ڪيس نندپڻ ۾ ئي حاصل ٿي هئي مگر سندس حياتيءَ ۾ هينئر اهو ڦيرو اچڻو هو جنهن ڪري نہ اهو زندگيءَ جو ٽاڻ رهڻو هو نہ ڏيڏيو. هڪ ڪامل درويش جي نظر سندس طلسمي ڪوٽن ڪي پيڙ واري هئي. چون ٿا تہ هڪ ڏينهن سنڌو درياءَ جي ڪناري تي وٽن جي جهڱٽي هيٺان سيد نواب شاهہ هڪ ٻغاليچي تي ويٺي ڪن دوستن سان شطرنج راند ٿي ڪئي، سندس فڪر پيادن ۽ رخ جي طرف محو هو. جو نندڙو بيڪس اچي پرسان لنگهيس. بيڪس ڪو اهڙو انسان نہ هو جو پرسان لنگهي وڃي ۽ ڏسندڙن تي اثر نہ پوي. نواب شاهہ، فقير کي ڏسي آدر ياءُ لاءِ اُٺي بيٺو. بيڪس ڪيس ڏسي مُرڪيو. جنهن مرڪڻ ۾ الاهي جوش ۽ جذبي جون هزارين بجليون لڪل هيون، بادل وسي پيو ۽ بجلي نواب شاهہ جي دل جي ڪيٽ تي ڪري. فقير صاحب ڪيس چيو تہ شطرنج ڪان وڌيڪ حياتيءَ جو ڪو پيو مقصد بہ آهي، نواب شاهہ تي هنن لفظن ايڏو اثر ڪيو، جو شطرنج ويڑهي وڃي اونڌي ڪنڊ ڪريو. پي ڏينهن بيڪس جي حضور ۾ حاضر هو. ڇا جو نواب شاهہ، سيد سڳورو سڪايل ٻڌجي ويو. بيڪس جي فيض ڪان نواب شاهہ بهرور ٿيو. مگر هي مرشد ۽ مريد جي صحبت گهڻو وقت نہ هلي. 'بيڪس' کي ان وقت جڏهن سندس جواني بهار ٻڌجي دنيا تي ڇانئجي رهي هئي، الاهي سڏ تي سرخرو ٿيڻو پيو. بيڪس جي موت نواب شاهہ کي اڌ مئو ڪري ڇڏيو. هن دنيا کي ترڪ ڪري ڇڏيو ۽ هميشہ مرشد جي مزار تي ويهي رهيو. مرشد سان ڪيس محبت نہ پر عشق هو. هڪ هنڌ چوي ٿو:

بيڪس اُتي چٽ جهلايا جو ويرِ وحدت دا باغ بنايا
شاهہ حسن دا ڳاوڻ ڳايا سورهيہ ٽيا سلطان
ماري دم خدائي

پي هنڌ چوي ٿو:

باغ بيدل جي ڪئي آ بهاري حسن بسنت ڪليو چوڌاري
طرحين طرحين ڦوهہ ڦلن

Scanned by CamScanner

سڪايل رک سرت سدائي در محسن جي ڪرتون گدائي
آءٌ لنگهي منجھ عشق اگن

سڪايل فنا في الشيخ جي درجي تي پهتل هو.هن مرشد جي پيراندي‌ءَ کان ويهي زندگي پوري ڪئي. ۷ ذوالقعد هجري سن ۱۳۱۹ ۾ وفات ڪري ويو. ڪيس بيڪس ۽ بيدل سائين جي مقبره جي ٻاهران سپرد خاڪ ڪيو ويو. حق مغفرت ڪريس عجب آزاد مرد هو.

## شعر و شاعري:

سڪايل جو شعر ڪو ايترو گهٽو نه آهي، تمام ٿورو پر جذب ۽ جوش سان پريل. حسن پرستي‌ءَ جو انگ منجھس گهٽو هو، ان ڪري سندس شعر مان پڻ حسن بيان جهلڪي ٿو. فقير بيڪس جو طالب هو، ان ڪري سندس شعر مان فقير بيڪس جي شعر جي جهلڪ نظر اچيو وڃي. مجازي محبت تي سندس شعر سرائيڪي زبان ۾ گهٽو موجود آهي.

ميرِ مجاز جي مان دي لوڪان خبر نه ڪائي
شاهه حسن دي شان دي عامان ڪل نه ڪائي.

۽ ٻي هنڌ چوي ٿو:

چشمان محبوب حقيقي ناز و نياز
نو رنگ نين سنهري نيزي مزگان تير قهار ويڪو
هويا جو نين نگار دي گهايل تنهن عاشق دا قتڪار ويڪو

اهائي فقير بيڪس واري مستي ۽ ڪيف!"

(تذڪره لطفي ٻاڳو ٽيون مطبوعا (۵۳-۱۹۵۲ع، صفحو ۳۸۱ کان ۳۸۳)
(تذڪره لطفي، جي مٿئين احوال تان ئي استفادو حاصل ڪري)

سنڌ جي نامياري اديب ۽ محقق ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي مرحوم پنهنجي ڪتاب "تذڪره شعرا سڪر" ۾ سيد نواب شاهه سڪايل جو احوال ۽ مختصر شاعري ڏني آهي. ميمڻ عبدالمجيد سنڌي صاحب جو اهو احوال هتي پيش ڪجي ٿو:

"نواب شاهه روهڙي‌ءَ جي رضوي سيدن مان هو ۽ سيد نواب

Scanned by CamScanner

امام علي شاھ جو فرزند ھو. ١٨٤٣ع ڌاري سندس ولادت ٿي ۽ ١٩٠١ع ۾ وفات ڪيائين. جيئن ته ھڪ معزز ۽ دولتمند گھراڻي مان ھو، تنھن ڪري شروعاتي زندگي عيش ۽ آرام ۾ گذاريائين. ظاھري تعليم ۾ چگي حاصل ڪيائين. جوانيءَ ۾ حضرت بيڪس جي نظر فيض اثر سندس زندگيءَ ۾ عجيب قيرو آندو، شاھاڻا شوق ڇڏي فقير بڻيو. بيڪس جلدي ئي وفات ڪئي، جنھن ڪري رھبر جي صحبت گھڻو وت نصيب نه ٿيس. حضرت بيڪس جي وفات کان پوءِ دنيا کي ترڪ ڪري مرشد جي مزار جو مجاور بڻيو. آخر اتي ئي پنھنجي زندگيءَ جا ڏينھن پورا ڪري مرشد جي پيراندیءَ کان مدفون ٿيو. مرشد جي تعريف ۾ فرمائي ٿو:

بيڪس اتي ڇٽ جُھلايا جو وير وحدت دا باغ بنايا،
شاھ حسن ول ڳاوڻ ڳايا، سورھيہ ٿيا سلطان،
ماري دم خدائي.

نواب شاھ جي شعر تي سندس مرشد بيڪس جو اثر غالب آھي. تنھن ڪري سندس شعر ۾ جوش ۽ ولولو شدت سان موجود آھي. حسن ۽ عشق جو ذڪر آھي. مستي ۽ ڪيف آھي. مطلب ته تصوف جا نڪتا ۽ جماليات جي جلوي سان پيش ڪيا اٿس. (٢) ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي احوال سان گڏ سڪايل سائينءَ جي ھڪ ڪافي ۽ ھڪ بيت پڻ ڏنو آھي. اڳتي ھلي سنڌ جي ھڪ ٻي اديب ۽ محقق مرحوم گل محمد گلاڻي پڻ پنھنجي تاليف "تذڪره شعرا روھڙي" ۾ سيد نواب شاھ سڪايل جو ھن طرح ذڪر ڪيو آھي:

"نواب شاھ سڪايل ١٨٤٣ع ۾ روھڙيءَ ۾ پيدا ٿيو. سندس والد جو نالو امام علي شاھ ھو ۽ سندس نسب وڃيو امام علي نقي جن سان ملي. پاڻ نوابي گھر ۾ پيدا ٿيا پر سندن زندگي ياد الاھي جذب ۽ جوش ۾ گذري، پر جيئن ئي بيڪس سائينءَ جي نظر پيس ته سندس دنيائي ڏنڊجي وئي. سندس ڪلام جذب ۽ جوش سان ڀريل آھي. سندس ڪلام ۾ حسن پرستيءَ جو رنگ وڌيڪ آھي. سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام ڇپيو اٿن. بيڪس جي وفات کان پوءِ پاڻ سندن

Scanned by CamScanner

سيراندیءَ کان ويهي زندگي پوري ڪيائين. پاڻ ۾ ذوالقعد ١٣١٩ھ مطابق ١٩٠١ع ۾ وفات ڪيائون. بيدل ۽ بيڪس جي مقبري ٻاهران سپرد خاڪ ڪيو ويو." (٣)

ـ اوهان ڏسندؤ تہ مرحوم لطف الله بدوي کانپوءِ جن ۾ ليڪڪن نواب شاھ سڪايل جو ذڪر ڪيو آهي، انهن سڪايل سائينءَ جي باري ۾ ڪا اضافي معلومات نہ ڏني آهي. بهرحال ان تذڪري مان اها خبر پوي ٿي تہ بيدل سائينءَ جي وفات وقت سڪايل سائين ٽيهن سالن جي عمر جو هو، پر شايد هو بيدل سائينءَ جي حلقي ۾ اچي نہ سگهيو ۽ پوءِ بيڪس سائينءَ جي صحبت جي ڪري فقيري رنگ ۾ رنگجيو ۽ ٿوري ئي عرصي اندر جڏهن بيڪس سائين وصال ڪيو تڏهن نواب شاھ سائين تقريباً چاليهن سالن جو هو ۽ پاڻ پنهنجي زندگيءَ جا باقي پنڌرهان سال مرشد ۽ محبوب بيڪس سائينءَ جي مزار تي گذاريائين.

راقم الحروف جڏهن سيد نواب شاھ سڪايل جي وڌيڪ احوال حاصل ڪرڻ لاءِ سندس پوين سان رابطو ڪيو تہ، سندس خاندان جي چشم و چراغ سيد افتخار حسين شاھ رضوي ولد سيد امام علي شاھ ثاني، سائين نواب شاھ سڪايل متعلق هيٺيون احوال ٻڌايو:

سيد نواب شاھ سڪايل ننڍي هوندي کان ئي فقير صفت هئا، پاڻ بيدل سائينءَ جي فرزند بيڪس فقير سان گڏ روهڙيءَ ۾ سيد جان الله شاھ رضوي وٽ قران پڙهندا هئا. هڪ ڏينهن جُهڙالي هئي، هو ٻين شاگردن سان گڏ درگاھ بيدل ڏانهن وڃي رهيا هئا تہ رستي تي هڪ وڏو پٿر پيو هو. بيڪس فقير چيو تہ، ڪو اهڙو ڇوڪرو آهي جيڪو ان پٿر کي هٽائي؟ جنهن تي ڪيترن ئي ڇوڪرن زور آزمائي ڪئي پر پٿر هٽائي نہ سگهيا. جنهن تي بيڪس فقير نواب شاھ کي چيو تہ، تون سيد آهين تون هٽائي ڏيکار. نواب شاھ سائين ۾ زور لاتا پر پٿر هٽائي نہ سگهيا. بيڪس سائينءَ پٿر کي ڇڙو پير جي ڪُڙي هنئين تہ پٿر پنهنجي جاءِ تان رڙهندو وڃي هيٺ پيو. اهڙي ڪرامت ڏسي نواب شاھ بيڪس سائين جي ٻانهن کي پڪڙيو ۽ چيو تہ،

Scanned by CamScanner

اوهان کي ڪو ٻيو فيض مليل آهي ۽ ان فيض مان ڪجھ عنايت اسان تي ٻ ڪيو.

ان ڏيھن ڪانپوءِ نواب شاه سائين هميشه بيڪس سائين جي صحبت ۾ رهيو ۽ مسلسل زور پريندو رهيو ته، اها عنايت اسان تي ٻ ٿئي. فقير بيڪس نواب شاه سائينءَ کي چيو ته، اها راھ ڏکي آهي ۽ اوهان پنهجي ارادي تان هٽي وڃو، پر سڪايل سائين آخر تائين فيض جو طالب رهيو. جو بيڪس سائين جو وصال ٿي ويو. نواب شاھ سڪايل کي بيڪس سائين جي وڇوڙي سخت صدمو رسايو ۽ اڪثر بيڪس فقير جي مزار تي ويھندو هيو ۽ مسلسل حاضري پرائيندو رهيو.

ھڪ رات بيڪس سائينءَ جو خواب ۾ ڪين اشارو ٿيو ته، هاڻي پنهنجي ملاقات سون ميانيءَ ۾ ٿيندي. سون ميانيءَ، سيوھڙ ڪان ٻ پري آهي ۽ هي اهو زمانو هو جو ڪوٻ سفر آسان نه هو پر عشق جي جذبي ۽ جوش ۾ سڪايل سائين جن سيوھڙ جو قصد ڪيو. انهيءَ سفر دوران لاڙڪاڻي ۾ روهڙيءَ جي ئي هڪ سادات مشتاق علي شاه سان مليا. مشتاق علي شاه جيڪي پاڻ ٻ فقير صفت هئا، سائين نواب شاھ سڪايل جو اهڙو حال ڏسي حيران ٿي ويا، پر نواب علي شاه کين چيو ته، اسان مرشد جي حڪم مطابق نڪتا آهيون. نواب شاه سائين سيوھڙ ۾ حضرت قلندر شهباز جي مزار جي زيارت ڪري سون ميانيءَ طرف ويا. اتي ڇا ڏسن جو بيڪس فقير گھوڙي تي اچي رهيو آهي. سڪايل سائين کين ادب وچان مليا ۽ واعدي مطابق بيڪس سائين کين ياڪر پائي امانت سندن حوالي ڪئي.

راقم الحروف کي افتخار حسين شاه رضوي وڌيڪ ٻڌايو ته، واپسيءَ تي سائين نواب شاه ۾ وڏي تبديلي آئي ۽ پوءِ هو گھٽي ياڳي فقراء جي صحبت ۾ گذارينداھئا. دنيا کان دل اُچاٽ ٿي وئي. زماني کان دل بيزار ٿي وئي ۽ هميشه مرشد جي تنوار ۾ وقت گذارينداھئا. آخر هڪ ڏينھن پھرين ذوالقعد ١٣١٩ھ تي درگاه بيدل بيڪس تي آيا ۽ اتي موجود فقيرن کي سڏي چيائون ته، "هن جاءِ تي نازبو

Scanned by CamScanner

پوڪيو، ستين ڏينهن اسان ۾ اتي اينداسون." درگاه تان واپس آيا ته بيمار ٺي پيا ۽ ستين ذوالقعد جي رات هن دارالفنا مان ڪُوچ ڪيائون. ان رات ئي درگاه بيدل جي "خليفي بيگ محمد ثاني" کي فقير بيڪس خواب ۾ اشارو ڪيو ته، "نواب شاه گذاري ويو آهي. اها امانت اسان جي آهي ۽ اسان وٽ ڪٽي اچو."

فقير بيگ محمد نواب شاه سڪايل جي وارثن، سندس وڏي ياءُ سيد نور علي شاه رضويءَ کي سڄي حقيقت ڪئي. نواب شاه سڪايل جو جنازو شام جو ڪنيو ويو. جنازي نماز کان پوءِ نواب شاه سڪايل جي وارثن کين پنهنجي قبرستان طرف ڪٽي وڃي رهيا هئا ته، سندن ڪٽ پاڻ هُرتو اولهه طرف درگاه بيدل بيڪس ڏانهن وڃڻ لڳي. ان وچ ۾ ٻين فقيرن نواب شاه سڪايل سائين واري نازبو واري وصيت ۾ ٻُڌائي، نيٽ ساداتن کو چارو نه ڏسي درگاه بيدل ڏانهن رخ رکيو ۽ سائين نواب شاه سڪايل کي ان جاءِ تي دفن ڪيو ويو، جتي سندس هينئر آخري آرامگاه آهي."

مٿي بيان ڪيل سيني تذڪرن ۾ نواب شاه سڪايل جي ولادت جو سن تاريخ ڄاڻايو نه ويو آهي، جڏهن ته راقم الحروف کي فقير غلام علي مسرور جي سهيڙيل "ملفوظات بيدل" مان سڪايل جي ولادت جو سن ١٢٦١ھ مليو آهي. ٻي پاسي نواب شاه سڪايل جي وفات جي تاريخ ٧ ذوالقعد ١٣١٩ھ جو عيسوي سن ١٩٠١ع ڄاڻايو ويو آهي راقم الحروف جي تحقيق موجب سڪايل جي وفات جي عيسوي تاريخ ١٥ فيبروري سن ١٩٠٢ع بيهي ٿو.

اهو فقير محمد محسن بيڪس جي ئي فيض ۽ صحبت جو اثر هو جو سيد نواب علي شاه رضوي، فقير نواب شاه سڪايل بٽجي ويو ۽ هن نهايت ئي پرسوز ۽ دلسوز ڪلام چيو آهي. سائين نواب شاه سڪايل جو جيترو به ڪلام ملي سگهيو آهي، ان مان اها خبر پوي ٿي ته هو سنڌي ۽ سرائڪي ٻولين ۾ بيت ۽ ڪافيءَ جو نهايت ئي پختو ۽ خوبصورت شاعر هيو. سندس سموري ڪلام تي مجاز جو رنگ غالب آهي، ڇاڪاڻ ته سندس مرشد بيڪس فقير به پنهنجي

Scanned by CamScanner

وقت جو نهايت ئي خوبصورت ۽ رومانوي شاعر هيو. سائين نواب شاهه سکايل جي مجاز ۽ عشق جو محور بيکس سائينءَ جي شخصيت رهي، جنهن کي پاڻ پنهنجي مرشد ۽ محبوب جو درجو ڏنائون.

نواب شاهه سکايل، بيکس سائينءَ جي وصال تي جيکو شعر چيو آهي، ان ۾ بيکس سائينءَ جي شخصيت جي مڪمل عڪاسي ٿئي ٿي. اهو مڪمل شعر هتي پيش ڪجي ٿو. ان ڪلام ۾ نواب شاهه سکايل، بيکس فقير جو پهريون سوانح نگار نظر اچي ٿو.

شهر روهڙيءَ منجهه يارو عشق جو اوتار هو،
نالي بيکس مير مُحسن وِرهه جو وڻجار هو.

هيڪڙائيءَ وارو هادي منصور جيان سردار هو،
من خدايم موج ۾ شاهه عطار جو يار هو.

محو معنيٰ معرفت جي سير ۾ سيار هو،
باغ ۾ بيدل سندي گُل ڪليو گلزار هو.

حسن جي گلزار جوبانڪو سدا بيمار هو،
برهه جي بازار جو سُونهن ۽ هيڪار هو.

نوجوان نازڪ بدن گل رخ گل رخسار هو،
بي بقا هن باغ ۾ ٿيويه ورهه اظهار هو.

سال ٻارهان سو اٺانوي ۾ طلب ڏي تيار هو،
رمضان جي پنجين پرينءَ جو دوست سان ديدار هو.

مئه نوش محبت مٺ جو صوفي سدا سرشار هو،
بيکس پنهنجي پوتار تان سکايل سروار هو.

*

ان قسم جو پهريون ڪلام حضرت بيدل سائينءَ، سچل سائينءَ جي وصال تي چيو هيو، جيکو مان سمجهان ٿو تہ سنڌ جي اڪثر محققن جي نظر مان گذريو آهي.

Scanned by CamScanner

عشق جو يارو درازن ۾ عجب اسرار هو،
مست سالڪ ۾ سچو عارف اتي اظهار هو.
قربدارن جي ڪٽڪ ۾ مير منصبدار هو،
در تهين داتا جي بيدل پرت جو پينار هو.

وري جڏهن بيدل سائين چولو مٽايو ته سندس فرزند فقير بيڪس، هن ريت اظهار ڪيو ته:

رمز رنديءَ جو عجائب روهڙيءَ ۾ راز هو،
نالي بيدل بادشاه بيشڪ اُتي شهباز هو.

جڏهن بيڪس سائينءَ جهڙي نوجوان، حسين ۽ برڪ عاشق ۽ شاعر جو وصال ٿيو ته سندس طالب ۽ عاشق سائين نواب شاهه سڪايل، بيدل سائينءَ ۽ بيڪس سائينءَ جي مٿي ڏنل ڪلام کان متاثر ٿي، بيڪس سائينءَ جي وصال تي پنهنجي عشق جو اظهار ڪيو، جنهن ۾ هو پنهنجي مرشد ۽ محبوب بيڪس سائينءَ کي عشق جو اوتار، ورهه جو وٽجار، منصور جيان سردار، شاه عطار جو يار، بيدل جي باغ جو گل ۽ گلزار، حسن جو بيمار، برهه جي بازار جي سونهن ۽ هيڪار ۽ صوفي سدا سرشار سڏيندي، پاڻ کي سندس مٽان سروار ٻڌايو آهي.

ان ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته بيدل سائين، بيڪس سائين ۽ نواب شاهه سڪايل کان علم، عرفان ۽ ڪلام ۾ مٿاهين شخصيت جو مالڪ هو، پر اهو شايد بيدل سائينءَ جي ئي فڪري سلسلي ۽ فيض جو اثر آهي جو بيڪس سائينءَ ۽ سڪايل سائينءَ جو دل جي گهرائين ۽ اندر جي امنگن سان چيل ڪلام به ڪنهن قدر گهٽ ناهي. بظاهر هڪ ئي فني بيهڪ ۽ شعري گهاڙيٽي تي چيل اهي بول ۽ فڪري حوالي سان پڻ، ڪنهن برڪ شخصيت جي وصال تي اظهار طور اهو ڪلام هجڻ باوجود ان ۾ 'ورجاءُ' نظر نه ٿو اچي ۽ بيدل سائين، بيڪس سائين ۽ نواب شاهه سڪايل جي ان ڪلام ۾ حضرت سچل سائين، حضرت بيدل سائين ۽ حضرت بيڪس سائينءَ جي

Scanned by CamScanner

شخصيت پنهنجي پنهنجي مختلف رنگن ۽ روپن ۾ نروار ٿئي ٿي.

نواب شاهه سڪايل جي ڪافين جي ان ڳالهه مان به خوبي نظر اچي ٿي جو سڄي تر ۾ سندس ڪافيون گهٽو مشهور ۽ مقبول ٿيون. خاص ڪري سندس هيءَ ڪافي ته اڪثر راڳي وڏي جوش ۽ جذبي سان ڳائيندا آهن.

هل ته هلي بازار گهمون،
بازار ۾ آيو يار پيارو.

ان کان سواءِ نواب شاهه سڪايل جو بيڪس سائينءَ تي لکيل هي ڪلام به ڏاڍو مشهور آهي:

سين گلن ۾ گل محسن،
حسن حسين علي شاه پنجتن.

- هن کان اڳ نواب شاهه سڪايل جي ڪلام جي نه صحيح نموني ڳولا ڪئي وئي ۽ نه ئي شايع ڪرايو ويو. اڳئين ڪتابن ۾ نواب شاهه سڪايل جي صرف ڇهن ڪافين ۽ پنجن بيتن کان سواءِ ڪوبه ڪلام منظرعام تي نه اچي سگهيو.

راقم الحرف کي درگاه بيدل بيڪس جي عقيدت مند ۽ طالب محترم فقير احمد بخش عرف مٺل مسرور صاحب جي خاص مهربانين سان سيد نواب شاهه سڪايل جون ويهه اٽڇپيل سنڌي ۽ سرائڪي ڪافيون ۽ نَو بيت عنايت ٿيا آهن، جيڪي فقير مٺل مسرور صاحب پنهنجي والد بزرگوار ۽ سنڌ جي نامياري صوفي شاعر، عالم ۽ اديب فقير غلام علي مسرور جي سهيڑيل 'ملفوظات بيدل' مان اتاري مون ڏانهن وڏي پيار پاڻهوه ۽ دعائن سان ڏياري موڪيا. راقم الحروف، نواب شاهه سڪايل سائينءَ جي ان ڪلام کي فقير مٺل مسرور جي خاص ٿورن سان هن ڪتاب ۾ شامل ڪري رهيو آهي.

Scanned by CamScanner

## سيد نواب شاھ سڪايل جي خاندان جو شجرو:

- ھن ڪتاب ۾ سيد نواب شاھ سڪايل جي خاندان جو شجرو پڻ شامل آھي. مذڪوره شجرو سيد نواب شاھ سڪايل جي ياڻتي ۽ ڏياڻتي سيد امام علي شاھ ثاني بن سيد نور علي شاھ جي ۱۹۴۶ع ۾ ٺاھيل قلمي 'شجره سادات رضويءَ' تان ٺاھيو ويو آھي. جنھن لاءِ راقم الحروف، نواب شاھ سڪايل جي خاندان جي چشم و چراغ سيد افتخار حسين شاھ بن سيد امام علي شاھ ثانيءَ جو ٿورائتو آھي.

## ماخذ


(۱) تذڪره لُطفي لطف الله بدوي جلد ٽيون مطبوعا ۳۲-۱۹۵۲ع
(۲) 'تذڪر شعرا سڪر' ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، مطبوعا ۱۹۶۵ع.
(۳) تذڪره شعرا روھڙي: گل محمد گُلاڻي، مطبوعا ۱۹۷۸ع.
(۵) بيت (ستاءَ ۽ اوسر) ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، مطبوعا ۲۰۰۲ع
(۶) 'ملفوظات بيدل' قلمي، فقير علام علي مسرور بدوي.
(۷) قلمي بياض فقير چيٽانند ولد گوردنداس ساڪن روھڙي.
(۸) چمن بينظير (قلمي بياض)
(۹) 'شجره سادات رضوي' قلمي ۱۹۴۶ع (سيد امام علي شاھ ثاني)
(۱۰) تقويم ھجري و عيسوي مرتبہ ابوالنصر محمد خالدي، (ايم- اي جامع عثمانيہ) چوٽون چاپو، مطبوعا ۱۹۹۳ع.


Scanned by CamScanner

Scanned by CamScanner

# سید جمن شاہ بن سید ابوالخیر بن سید بُدیل شاہ بن نعمت اللہ بن رکن الدین بن سید سعد الدین بن سید میران بن سید خواجہ خلق الصدق بن سید تاج الدین بن سید صدرالدین محمد خطیب بن سید محمد مکي



# سيد نواب شاھ
# سڪايل جو ڪلام

Scanned by CamScanner

شهر روهڙيءَ منجهه يارو عشق جو اوتار هو،
نالي بيڪس مير محسن ورهه جو وڻجار هو.

- هيڪڙائيءَ وارو هادي منصور جيان سردار هو،
من خدايم موج ۾ شاهه عطار جو يار هو.

- محو معنيٰ معرفت جي سير ۾ سيار هو،
باغ ۾ بيدل سندي گُل ڪليو گلزار هو.

- حُسن جي گلزار جو بانڪو سدا بيمار هو،
برهه جي بازار جو سُونهن ۽ هُيڪار هو.

- نوجوان نازڪ بدن گل رخ گل رخسار هو،
بي بقا هن باغ ۾ ٿيويهه ورهه اظهار هو.

- سال ٻارنهن سو اٺانوي ۾ طلب ڏي تيار هو،
رمضان جي پنجين پرينءَ جو دوست سان ديدار هو.

- مئه نوش محبت مَٽ جو صوفي سدا سرشار هو،
بيڪس پنهنجي ٻوتار تان سڪايل سروار هو.

Scanned by CamScanner

بت بيراڳي راتو ڏينهن
دلڙي دست ڪئي دوستن پنهنجي.

- چٽ ڏئي چريءَ کي ڪاٽ ڪلهي تي
ڪيئن ڪٽايو ڏس يار ولي تي
ائين نہ پانيم تہ ڪو نانگ آ نيهُن
پئي پهہ ڏاڍي ڪنهن اوکي اهنجي.
- دوست دلبي باز دغايون
ناز مارين سان ڪرين اجايون
دل ڪسي وڃي گهر ٽئين شينهن
انهيءَ مت لڳو آهين ڪنهنجي
- ٽڳ دلين جا چور پيارا
چگا سڪيو آهين دلين جا ڏاڙا
محب مسافر مارين هينئن
شال نہ پيش اچي ڪا تنهنجي
- صبر شڪر توکي سڪايل لائق
چني نہ ٽئين، ٿو ڳنڍڻ جو شائق
مست محبت سندو مينهن
وسي سر ڪنهن سياڳي سهنجي.

Scanned by CamScanner

وطن ڇڏيو تو سانگي
دل پئي تانگهي
ڪريو عنايت مُحب ملڻ جي.

۱- ڪونہ پرينءَ جو قاصد آيو،
الائي ڪهڙي روح جو رايو،
ڪانہ خبر آندي ڪانگي.

۲- ڏوندي ڀيڙي پڳهہ پُراڻا،
مين اٽتاري ترڻ نہ ڄاڻان،
نيهن لڳو آهي نانگي.

۳- پرين مون کي پرديس رُلايو،
جهنگ جبل مون کي جالڻ آيو،
ڪير لنگهائيندم لانگهي.

۴- چوي 'سڪايل' ڪين وساريان،
ساعت ساعت تنهن کي سريان،
اڙي هان نال اڙانگي.

◉

ميرِ محسن سائين موڻ، توکي ٿو ساهہ سنياري
- سائين سائين ٿو ڪريان هڪڙو پيرو تہ ڇڏ قوڻ.
- عشق تنهنجي مِ ٿو پچان جيئن باهہ مِ پچي روڻ.
- آکي 'سڪايل' بسمل تنهنجو سِڪ تہ سُڪائي ڪيو سوڻ.

◉

Scanned by CamScanner

سين گُلن ۾ گُل مُحسن،
حسن حُسين علي شاهه پنجتن.

- ڪرني ڪنور ڪيون آهن ڪَليون،
حسن حيرت جي وڪوڙيون وليون،
گهور ڪيون سي گهائن گهن،
سين گُلن ۾ گُل مُحسن.
- پنجن گُلن سان باغ بهاريو،
ساول سبزو سرس سوايو،
خوب لڳو آ چاهه چمن،
سين گُلن ۾ گُل مُحسن.
- تانگر تنور ڪيون ٿي ٽهڪي،
رابيل رُوءِ پرينءَ جي پهڪي،
سِرو سمن سمبل سوسن،
سين گُلن ۾ گُل مُحسن.
- ارغوان عجب رنگ لايا،
شاهه رنگي شاهه پسند فرمايا،
نرگس نگينا مست مگن،
سين گُلن ۾ گُل مُحسن.
- باغ بيدل جي ڪئي آ بهاري،
حسن بسنت ڪليا چوڏاري،
طرحين طرحين قول قلن،
سين گُلن ۾ گُل مُحسن.
- سرت سڪايل رک تون سدائي،
در محسن جي ڪر تون گدائي،
آءٌ لنگهي منجهه عشق اگن،
سين گُلن ۾ گُل مُحسن.

◉

Scanned by CamScanner

منهنجو ميـر محسن قلندر قلندر
سدا شائقن جي دل اندر دل اندر.

- جهڙو نانءُ محسن تهڙو ٿيو ۽ محسن،
وصفين ۽ صفتين محسن محسن،
محسن قلندر محسن دل اندر.
- محسن جي معنيٰ ته آهي موچارو،
هنيو جهن تيرهين صدي ۾ آهي نعرو،
محو ٿيو مڙهين مسيتين ۽ مندر.
- هي منصور ساڳيو ۽ عطار عاشق،
بايزيد بسطامي صنعان لاشڪ،
جنهن ۾ ڏسان ٿو تهين سير اندر.
- بيدل ۽ بيڪس عاشق نرالا،
اهي دشت ڪربلا وارن جا نالا،
سدا عشق ڪوري سمندر سمندر.
- قلنـــدر جـــي عرشن مٿي آشنائي،
ورتـي شـــاه بيدل تنهن ۾ فنائي،
ڪيو پوءِ بيدل ڪي بيڪس تن اندر.
- نه ڪو شڪ بيدل ۽ بيڪس ۾ اصلي،
آهن محو معبود عاشق ازلي،
۽ هر جا وسن ٿا بازارين ۽ بندر.
- تڏهن چئبـو هـــي ۽ ته آهي قلندر،
ظاهر ۽ باطن قلندر قلندر،
قلندر جي معنيٰ ڪُل اندر ڪُل اندر.
- سندو سڳ 'سڪايل' ٿو صاحب سنياري،
اچي رَسُ اوڪيءَ ۾ نهاري نهاري،
عطا عشق جي ٿي سڪ اندر سڪ اندر.

Scanned by CamScanner

میر مجاز دي مان دي لوکان خبر نہ کائي،
شاھ حسن دي شان دي عامان کل نہ کائي.

میر مجاز سولي پر چڑھاوي. پٹ پٹ ماس ھڈّان تون کاوي،
شرم حیا ننگ ناموس گنواوي، بازارین بیران قرندا وتي ھوائي.

شیخ صنعان نال کیا کیتس پلائي جو خوک چراوي جٹیا پاوي،
مجني لیلا لیلا لائي، ثرین برین بیران، وتندا کل سکائي.

شاہ شرف دي سر تي آیا، گھوڑا یار دا خوب بنایا،
شاھ رانجھن کُنون تخت چُڑایا، کنّیان چراوي خان چوڑکي بلبل مائي.

پچي فرھاد دي آیا نیڑي وچ درازین کیتس دیري،
سچل دي سر عشق اویڑي، کیڈّا کیتا طولان، ھئي کا رمز الاھي.

روھڑي اُتي کیتس رایا، بیدل جیھا کنھن بار نہ چایا،
سر محبوب دي در تي گھاریا، ساگي ثیا سبحان ہیثا رمز رلائي.

بیکس اتي چٹ جُھلایا، جو ویر وحدت دا باغ بنایا،
شاھ حسن دا گاوڑ گایا، سورھیہ ثیا سلطان ماري دم خدائي.

مئن یي شاھ اُھیندا 'سکایل'، گھور نینان دا مئن ھون گھایل،
بیدل شاھ دي در تي سائل، روز شب نالان، سر تلي تي چائي.

◉

Scanned by CamScanner

نين سجن دي گهايا هي،
بسمل ڪر تڙپايا هي.

- نين نازڪ دي گل انار ريءَ نشي دي هر دم خمار،
مئن نون موهيا اِهين سينگار، عشق آڪاش چڙهايا هي.

- ويڪو يارو مير مجاز، تاب حسن دا جيوين شهباز،
هڪ سهٽا ٻيو ويتر ناز، دل چنبين وچ چايا هي.

- رمز نيٽان دي عام ڪيا جاٽڙ پچو تهان جي خوڪ چراون،
گهوڙا بڙ ڪي سير ڪراون رانجهن منجهيان چَرايا هي.

- نينان وچون ڪيهيان رمزان لايان دلبر ڪڙا هي جو جهاتيان پايان،
قطري وچ ڪيوين سمند سمايان بيڪس راهه بتايا هي.

- بخت 'سڪايل' تيڏا باري جو شاه خوبان نال تيڏي ياري،
سورهيه ڏي سر ڪر گهن سواري بيدل دا سِر سايا هي.

◉

Scanned by CamScanner

ناز پرئي دي نين نوراني بجلي دا چمڪار ويڪو، يا باغان گُل انار ويڪو.

- نور رنگ نين سنهري نيزي مژگان تير قهار ويڪو،
هوئي جو نين نگار دي گهايل تنهن عاشقان دا قتڪار ويڪو.

- خون ڪرڻ عاشقان دي قردي، معشوقان مختيار ويڪو،
چوري ڇجهڙي سِر يتيمان دي ابرو سيفان ستڪار ويڪو.

- ڏوڙئون ڏيون مست مهميزان يارو انهان دي ڪار ويڪو،
تاب تنهان دا خوڪ چراوي سر ننگا ڇل زنار ويڪو.

جنهن سر نين دي مار ماري تنهن دي ونجهلي دا ڏڏڪار ويڪو،
رمز روشن هُئي جنهن ايهي تنهن دا اناالحق اظهار ويڪو.

جنهن نال نينان دا يارانا بخت تهاندا بيدار ويڪو،
سر فدا ڪر تڏان 'سڪايل' آکي برهه دا بازار ويڪو.

◉

Scanned by CamScanner

هل تہ هلي بازار گهمون،
بازر ۾ ايو يار پيارو.

گل بدن سو گل رخ جاني،
مُلڪن ۾ جنهن جو مٽ نہ ثاني،
سو جاني جلويدار ڏسون.

بنا سينگار سدائين سهڻو،
ڪونہ ڏٺو سي ڪو من مهڻو،
تنهن دلبر جا ديدار ڏسون.
ابرو سيف ايراني خالي،
خون عاشقن ۾ هر دم عالي،
سو جنگ سندو جُهونجهار ڏسون.
ڪي اچن ٿا سر سنيايون،
ڪي وڃن ٿا ڪنڌ ڪپايون،
تنهن آڏيءَ سندا اسرار ڏسون.
چار وجهي ٿو چام ڦاسائي،
بزاريون تن تي لوڪ هنسائي،
خان هلي ڪي خوار ڏسون.
ڦاٽي ڪان وري ڦٽڪڻ ڪهڙو،
سور انهيءَ ۾ ڏاڍو ريهو،
مر درد سندا ڏڪار ڏسون.
سُرت 'سڪايل' رک تون سمجهي،
ڪج نہ جان پياري پنهنجي،
عشق سندا اسرار ڏسون.

◉

Scanned by CamScanner

گل رخ گلبدن، گل رخسار گلبدن،
ڪڏهن ايندين آگڻ اُڪندبنِ.

- ڦوڙائي جا فال راتيان ڏيهان وجهي ويٺي ڏسان واٽان،
تو ريءَ اندر مِ اڏماٽان، اچي مل چينچل چاڪين چڪندَنِ.
- مسيحا موٽ ڪر وارو نہ تہ وڃي ٿو وس ڪان سارو،
تو ريءَ ناهي پيو چارو اچي لَهُ سار ڪا سڪندن.
- سڪايل ساهہ ٿو ساري، رڙيو رويو هنجون هاري،
دلاسن ڏي سدا نهاري، دَيا ڪَر، ڪا دامَنِ لِڪندن.

◉

ناز پرئي نيٽن سان منهنجي دل ريهي،
درد دَهيُون ڪئي ديهي.

- ناز پرئي جا نوري نَيڻ گلابي گل جيان،
زلفان سُنبل پروان قوس قزح جڙ ٽيئي.
- ڪيبر قهري ڪوڙي چت چريو ڪيو چوري،
مهر پوي شل مُحبن، حال پچن من ويهي.
- واهر ڪر ور ولهيءَ سان منهنجا بيڪس هادي،
پيش پئي جا تنهنجي جانب جيهي تيهي.
- راتيون ڏينهان جن لئہ هئہ هئہ اداسڙ آهيان،
اگڻ ايندا اُڪنديءَ جي شال 'سڪايل' سيئي.

◉

Scanned by CamScanner

عجب ديدار دلبر جو، ساجن سينگار سان آيو.

- ميم جون ڏس عجب موجان نيٽن جي ناز جون فوجان،
ري سان روح ريجهايان چمڪ چمڪار سان آيو.
- ي جي ياد ۾ سارو، لٽو دلڙيءَ جو انڌارو،
دال دلبر جو ديدارو، هُل هيڪار سان آيو.
- ح واهه دل حسن زيبد، دُرِ دَرگوش او زيبد،
ي يارم ڪلاه پوشد، هيڪرَ هلڪار سان آيو.
- دال دلدار لاثاني، گل رخسار پيشاني،
ري رفتار ڪبڪاني، ڪبڪ رفتار سان آيو.
- 'سڪايل' سر اوپر چڙهڪي آيا جاني جلوه ڪرڪي،
ميري جند جان يي تڙپي خنجر خونخوار سان آيو.

◉

منهنجو ڊولڙ يار، ورتيون وياڙي جيڏيون ڏُسُ ڏِيو.

- عشق جي لوري لڳي آ، تن ۾ محبت مينهن وَسيو آ من ۾
سو سيني جو سينگار.
- پيادڙي آهيان پير نهاريان، وٽي گس گورن ڏونگر ڏورايان،
جتي منهنجو منڌار.
- سرتيون سوال نہ مون کي ڪريو، پُور پنهل جي ۾ منهنجو جيءُ ڳريو،
اهڙو ٻينر مون ٻوتار.
- آکي 'سڪايل' سڪ سڪايو ٿم، پاند پنهل جي ۾ پاڻ لکايو ٿم،
ٿيو دليئون دل قرار.

◉

Scanned by CamScanner

ظلم ۾ريون تنهنجون ظالم اکيون
خوني خماري توبہ، توبہ، توبہ زاري.

- اها مهيري اک دلبر ميڏي ڏاڙي ڪيتي ڏاري،
سر يتيمان ڏيون باولي باز چوان سي بحري.
- خوني نيڙ خماري سڃڙ جا مزگان تير قهاري،
ابرو سيف ايران چوان يا خنجر چوان ڪٽاري.
- شير اکيون شهزور سهڻي جون ۾يڙ ۾ڙڪن باري،
ڏورئون ڏين مست مهميزان سحر چوان يا سحري.
- مرغ دلين جي دام وجهڙ لئہ جڏان ڪن تياري،
شال تنها ندي پيش نہ آوي جا منهن ۾ئي ساماري.
- ڪئين 'سڪايل' تو نينهن اڙايو ڪئي جان پياري،
وک وڌائي سينو سپر ڪر ڳل وجهہ زلفن ڳاري.

◉

عشق جي الٽي بازي، غازي عشق ۾ آوي ڪو.
- عشق جٽان آ خيما کوڙي، دين ڪفر نون ڏي لت ۾وڙي،
وچ درياءَ مجازي.
- عشق جنهن سر ماري نعرا، هووي بادشاهہ بني بيڪارا،
توڙي نيڪ نمازي.
- چنچل چشمان ڪيف ڪڪوريون، رِيءَ نشي هر دم مخموريون،
شوق تنين شهبازي.
- بخش اسان کي يار پيارا سڪندي ٽيا ٽم سال سارا،
ڏي سرکو سوز گدازي.
- آءٌ سهڻا ۾هون 'سڪايل' لطف نال ڪرو هڙ مائل،
تہ رلمل ٽيون رازي.

◉

Scanned by CamScanner

تن ويري نہ ڪو ويرِ جن عشق ۾ لنگهيو گهير

- ويرپن جا ٽين ويري واهر، اهو تن اُليرِ.
- سدا تن جي سواريءَ هيٺان، شوق سندو شير.
- مهٽي لاٽوجن من تان، سپ منداڻي ميرِ.
- صورت سوڏي پنهنجي، غازين ڪديو غير.
- 'سڪايل' به صحيح ڪيو آ، سچڻن سندو سير.

◉

شاهِ نجف جا شير حيدر، رهبر اچي ٽي رهنما

- تحت نظر تنهنجي مشرق مغرب، چوڪنڊين چؤ ڦير حيدر
ظاهر آهن تنهنجا زغا.
- شاهِ شاهان شهيد جي صدقي، دم نہ وجهه هڪ دير حيدر،
مُوڙهَن تنهنجا مشڪلڪشا.
- هيءَ جا تنهنجي آسري، تنهنجي ٻاجهون ٻيو ڪير حيدر،
واهر ڪندو ولي الله.
- ننڊ نياڻي به آهي نهوڙيو، سُڻ تون دانهن دلير حيدر،
'سڪايل' جي او سيّدا.

◉

Scanned by CamScanner

عليءَ جي اولاد ڪان، چو پٽيل پاڙون پَٽائين ٿو.

- عليءَ جي اولاد آهي مثل مهتاب منهن منور سڙيا سادات ڪان ڪجھ ڏُر،
رسول الله رسائين ٿو.
- عليءَ جي اولاد جا ويري سڙي ٿئين خاڪ جي ديري انڌو ٿئين شل بنا ديري،
وٽج ڪيها وهائين ٿو.
- ڪُتا ڪوفي سوئر شامي هنيل حيضي حرامي قر، سلامي جگ بہ آ جنهن جو،
تنهين سان ويڙ پائين ٿو.
- علي حيدر هٽئي پالو مرڙ ويلي ٿئي منهن ڪارو ورهين ڪان ريزالو،
'سڪايل' چو ستائين ٿو.

◉

رب رسول اڳيون ناپاس ٿئين، ڪيهيون پڙهين ٿو نمازان ناس ٿئين
- آل نبي جا وليها ويري دين ڇڏي وڃي ناس ٿئين.
- موھ اهنڪار وڌو ٿي ماري عشق لڳئي شل اداس ٿئين.
- عليءَ جي اولاد جو من سان مجرو رُليا ڪر تہ راس ٿئين.
- سخن صوفيءَ جو صحيح ڪر ڇاڇج خودي ڇڏ تہ خلاص ٿئين.
- بنا حب حرام آ طاعت نينهن بنان ڇڙ نراس ٿئين.
- 'سڪايل' رک تون ستگر من مہ تہ مولا ملئي مسبت مُداس ٿئين.

◉

Scanned by CamScanner

ڪــري ڪُوڙيون سَڏون سڏائين ٿو عاشق،
تون داخل ٿئين في النار ڇاڻان ٿو لاشڪ،
عاشــق جــو الستـي تــري ســو اوياروِ.

- ڇڏي لڄ لوپي ٿيو آهين نانگو وڏو اٿئي ڳچيءَ ۾ سندو غيبت گهانگهو،
عجب عيب تو ۾ ٿئين نہ لڄارو.
- ڇگو آن ڇگو ٿي نہ ورسج وهمن ۾ ٻڌي توڪل ترهو ڪاهي پؤ ڪُنَن ۾،
ٻيائيءَ کي ٻوڙج ڇڏي لوڪ لارو.
- ادا آءٌ نماڻي ائين پيو سڏائج ڪميني ڪنزڪ نہ ڪي سَگُ ساهج،
پوءِ ويجهو وسي ٿو اهو رَند چارو.
- نہ ڪي ٿي ڳڙ ۽ نہ ڪي ٿي ايريو، عروج ۽ نزول جي وچ جوئي گهيرو،
ڪڏهن شير شڪر ڪڏهن لوڻ ڪارو.
- ڇڏي بَڪ بيحد 'سڪايل' صبر ڪر، ٻڌي مت مرشد جي روحاني قدم ۾،
تہ هر معرڪي ۾ سدا ٿئين سوياروِ.

◉

Scanned by CamScanner

هٽن نَرَ نعرو واٽون جي ٽا ووڙن،
مرد سي ميداني سدا ملهه مرڪن،
ڏني تن کي ستگر سندي عشق عيدي.

- تون ينگي ينگاهه پي سڏائين موالي،
چوائين ته آهيان واحد جو وصالي،
رکين چال اهڙي ته جڙ رمز رندي.
- دوئيءَ سندا دَلبا ڏئي لوڪ ساري،
هٽين لافون ڪافون لهواري اوياري،
الڪاذب لعنت ڪڏهن ناشُنيدي.
- سندا دم دلبر اجايا وڃائين،
ويٺو هوت هنج ۾ پئين ڇو ڇاهين،
اُٺي جاڳ جلدي ورد ڪر خريدي.
- آهن ساڻ تو سان سي ساجن،
اٺي جاڳ جاني اها ڳالهه ڪَر ڪَنِ،
سُتي پئي سڏائين 'سڪايل' ۽ سيّدي.

◉

Scanned by CamScanner

# بيت

سامين ٻڌا سندرا سڪ منجهان ساهي،
الڪ الڪ ڪري اُٿيا قابولي ڪاهي،
لَوَنِ لطيفي لاتڙي ٻيا لاڳاپا لاهي،
گنديون گبريون گودڙيون جوڳي جُلاهي.
وڻي ڏسُ ڏاهي 'سڪايل' ٿيا سامهان.

◉

سڪايل ٿيا سامهان پاسي يار نه ڪر،
بيڪ نه پنن بکيا نه ڪي پنن گهر گهر،
سامين صدائون ڪيون دوستاڻي در،
جا پيناگن پر 'سڪايل' سائي سڪيا.

◉

سڪايل ٿيا سامهان جانب جي جُوءِ،
آين انهيءَ پار جي برهه سندي ڪا بُوءِ،
ڪابولين جي ڪُوءِ 'سڪايل' سي سڪيا ٿيا.

◉

مونا طورسينا مولائن جو معراج،
ڪاپڙين اندر مِ ڪو آديسن عاج،
'سڪايل' تن تاج پاتو آهي پريت جو.

◉

Scanned by CamScanner

'سکايل' جي سور جي ساجن لھ سنيار،
انئي پھر اندر ۾ تنھنجي آھ پچار،
مُرک تنھنجي مست کيو نازک نيٹن نار،
اکين آ آذار آءُ تہ پرچون پاڻ ۾.

◉

'سکايل' سي سکيا واھ وا چال عجب،
لوکن نہ لکائن کڏھن اَنئي پھر ادب،
عليٰ کُل شيءِ قدير راضي ٿين رب،
وٽي ھاڙھو حب سَکايل ٿيا سامھان.

◉

پيءَ تون جوشي جام نشي نيھَن نواب جو،
در ھِکو درکار رک ٻيا خيال ڪَنّي ڪر خام،
رھ تون مست مدام نشي نينھن نواب ۾.

◉

ڪيا آکان آک سُٹاوان درد فراق فراقي،
تن من اندر مچ رھيو اصفاتي داخاکي،
مئہ دي نال مئہ ٿيندي باقي تي اتفاقي،
دم دي نال دم مارکي تان سِک 'سکايل' ذاتي.

◉

مونا طورسينا مليو ويراڳين کي وَرُ،
"انا انفسکم وجہ الله" اھو ماروئڙن جو گھرُ،
'سکايل' اچي در دُرست ورتو دوست جو.

◉

Scanned by CamScanner



## ليکڪ جا شايع ٿيل ڪتاب

| | | |
|---|---|---|
| ١. گُل ءِ مڪڙيون | (پارن لاءِ شاعري) | ١٩٨٩ع |
| ٢. سندي سڪ پرين | (درگاهي ميراثيءَ جو ڪلام) چوندءِ ترتيب | ١٩٩٢ع |
| ٣. رنگُ خوشبو هوا | (شعري مجموعو) | ١٩٩٥ع |
| ٤. بيدل جو اردو ڪلام | (تحقيق) | ١٩٩٧ع |
| ٥. شاعري مرڪي پئي | (شعري مجموعو) | ٢٠٠٠ع |
| ٦. تذڪره جانشاهي | (تحقيق) | ٢٠٠١ع |
| ٧. ديوان بيدل (اردو) | (تحقيق) | ٢٠٠٢ع |
| ٨. بيدل، بيڪس ءِ سڪايل | (تحقيق) | ٢٠٠٥ع |

بيدل يادگار ڪميٽي

Scanned by CamScanner